# قومي انقلابي جدوجهد ۾
# ادب ۽ فن جي اهميت

مائوزيتنگ

سنڌيڪار: رسول بخش پليجو

هي ڪتاب مائوزي تنگ جي جڳ مشهور ادبي مقالي قومي انقلابي جدوجهد ۾ ادب ۽ فن جي اهميت جو سنڌي ترجمون آهي، جيڪو محترم رسول بخش پليجي ڪيو آهي. ڪامريڊ ماؤ، هي مقالو يينان جي جابلو انقلابي هيڊ ڪوارٽر ۾ ٿيل هڪ ڪانفرنس ۾ مئي 1942ع ڌاري پڙهيو هو.

ڇاپو پهريو ... جولاءِ 1989ع

**سچائي اشاعت گهر ـ دڙو، ضلعو ٺٽو**

# آجياڻي تقرير

ساٿيو! اڄ اوهان کي هن بحث مباحثي جي مجلس ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت انهيءَ لاءِ ڏني ويئي آهي ته پاڻ سڀ پاڻ ۾ هن سوال جي باري ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪريون ته ادب ۽ فن جو انقلابي جدوجهد سان ڪهڙو لاڳاپو آهي ته انهيءَ سوال تي انهيءَ لاءِ ويچار ڪريون ته جيئن پنهنجو انقلابي ادب ۽ فن صحيح واٽ وٺي، اڳتي وڌن، ۽ اسان سان پنهنجي قومي دشمن کي ناس ڪرڻ ۽ قومي آزاديءَ جي مقصد حاصل ڪرڻ جي انقلابي جدوجهد ۾ سٺي نموني پانهن ٻيلي ٿين.

اسين چيني عوام جي آزاديءَ لاءِ جيڪا جدوجهد پيا ڪريون، ان جا ڌار ڌار مورچا ۽ محاذ آهن. انهن ۾ قلم توڙي بندوق جا مورچا. يعني ثقافتي توڙي فوجي مورچا اچي وڃن ٿا. دشمن کي شڪست ڏيڻ لاءِ اسان کي ڪپي ته سڀ کان پهريائين ۽ گهڻو دارومدار بندوقن واريءَ فوج تي رکون. پر فقط اها فوج ڪافي ناهي. اسان لاءِ لازم آهي ته اسين ثقافتي فوج به رکون. چاڪاڻ ته اسان جي پنهنجي صفن ۾ ٻڌي پيدا ڪرڻ ۽ دشمن کي شڪست ڏيڻ لاءِ اها فوج بيحد ضروري آهي. 4 - مئي جي تحريڪ ڪانپوءِ چين ۾ اهڙي ثقافتي فوج پيدا ٿي چڪي آهي ۽ ان چيني انقلاب کي زور ونايو آهي. ان ثقافتي فوج چين جي زميداري - جاگيرداري، ثقافت ۽ سامراجين جي دلالي ڪندڙ سامراجي ڪمدارن جي ثقافت جي دائري کي آهستي آهستي گهٽايو آهي ۽ ان جي اثر کي رفتي رفتي گهٽ ڪيو آهي. نئين عوامي ثقافت جي مخالفت ڪرڻ لاءِ هاڻي مردار چيني رجعت پسندن وٽ سواءِ ان جي ٻيو ڪو چارو ناهي ته هو سنائيءَ جو مقابلو گهٽائيءَ سان ڪن. هو پئسي جي زور تي پنهنجي ردي مال کي وڏي انداز ۾ تيار ڪرائي، هر هنڌ ان جا انبار لڳائي رهيا آهن. 4 - مئي جي تحريڪ کان وٺي، ادب ۽ فن ثقافتي محاذ جو ڪارگر حصو بنيا رهيا آهن. ڏهن سالن واريءَ گهرو لڙائيءَ ۾ انقلابي ادبي ۽ فني تحريڪ تمام گهڻو اڳتي وڌي. هن تحريڪ جو رخ به اوڏانهن. جيڏانهن انقلابي جنگ جو رخ هو. پر جيتوڻيڪ اهي ٻيئي فوجون

ساڳيءَ ڳالھ ۾ هڪٻئي سان همشريڪ هيون، پر تڏهن بہ هو پنھنجي عملي ڪم ۾ هڪٻئي سان لاڳاپو پيدا ڪري نہ سگھيون. چاڪاڻ تہ مردار رجعت پسندن کين هڪٻئي کان جدا ۽ پري جهلي ڇڏيو. ڏاڍو سنو ٿيو آهي، جو جپان سان مقابلي جي جنگ شروع ٿيڻ کان پوءِ، گھٽي کان گھٽا انقلابي اديب ۽ فنڪار پنيان ۽ اسان جي بين جپان دشمن اڏن جي علائقن ۾ ايندا رهيا آهن. مگر ان جو هرورورو اهو مطلب ناهي تہ ڪو اهي انقلابي اديب ۽ فنڪار، مقابلي جي اڏن جي علائقي ۾ اچي، پنھنجو پاڻ کي هتي جي عوام سان مڪمل طرح ملائي هڪ ڪري چڪا آهن. جيڪڏهن اسان کي انقلابي ڪم کي اڳتي وڌائڻو آهي تہ انهن ٻنهي قوتن کي هڪٻئي سان ملائي، هڪ ڪرڻ کپي. اسان جي اڄوڪي جلسي جو مقصد آهي تہ اهڙا خاطريءَ جهڙا اپاءَ ۽ طريقا ڳولي لهون، جن سان ادب ۽ فن سموريءَ انقلابي مشينريءَ جو هڪ اهم پرزو بنجي وڃن ۽ عوام کي متحد ڪرڻ، کين انقلابي تعليم ڏيڻ، دشمن تي حملي ڪرڻ ۽ کين ان کي تباھ ڪرڻ لاءِ عوام جو طاقتور هٿيار ٿي، ڪم ڪن، ۽ عوام کي دشمنن جي خلاف هڪ منو، يڪ دليو ۽ يڪ خيالو ٿي وڙهڻ ۾ مدد ڪن. هاڻ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ هن مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ سڀ کان اڳ ڪهڙا مسئلا حل ڪرڻا پوندا؟ منھنجي خيال ۾ اهي مسئلا هي آهن: (1) اديب ۽ فنڪار طبقاتي جدوجهد ۾ ڪهڙو طرف وٺن. (2) ان ڏانهن ڪهڙي روش اختيار ڪن. (3) هو ڪهڙن پڙهندڙن، ڏسندڙن ۽ پڙهندڙن لاءِ ادب ۽ فن تخليق ڪن ۽ (4) سنو ادب ۽ فن ڪيئن تخليق ڪن ۽ (5) ان لاءِ ڪهڙو مطالعو ڪن.

## طبقاتي طرف وٺڻ جو مسئلو:

اسين پورهيو ڪندڙن ۽ عوام جي پاسي آهيون. انقلابي پورهيت وطن دوست پارٽيءَ (ڪميونسٽ پارٽي) جي ميمبرن لاءِ ان جو مطلب هي آهي تہ پارٽي جيڪو رخ اختيار ڪري، ان جي پوئواري ڪئي وڃي ۽ پارٽيءَ جي جذبي ۽ پارٽيءَ جي پاليسي جي پوئواري ڪئي وڃي. چا، اسان جي ادبي ۽ فني ڪارڪنن ۾ ڪي اهڙا ساٿي بہ آهن، جيڪي اڃان تائين انهيءَ ڳالھ بابت غلط فهميءَ ۾ مبتلا آهن يا هن مسئلي کي چڱيءَ طرح نٿا سمجهن! منهنجو خيال آهي تہ اهڙا ماڻهو موجود آهن. اسان جي گھڻن ساٿين اڪثر ڪري صحيح رخ کان منهن موڙيو آهي.

## رويي جو مسئلو:

ڪنهن واقعي يا تڪرار ۾ ماڻهو جهڙي پاسي هوندو، اهڙو ئي رويو اختيار ڪندو. مثال طور، فلاڻي ماڻهوءَ، ڪم يا شيءِ جي ساراهه ڪرڻ ڪپي يا ان کي نظرانداز ڪرڻ ڪپي؟ اهو رويي جو سوال آهي. انقلابي اديبن کي انهن ٻنهي روين مان ڪهڙي قسم جو رويو اختيار ڪرڻ ڪپي؟ آءٌ چوندس تہ ٻنهي قسمن جي رويي جي ضرورت آهي. ڪهڙي وقت تي ڪهڙو رويو اختيار ڪجي، ان جو اصل مدار انهيءَ سوال تي آهي تہ بحث ڇا تي آهي؟

(چيني قوم ۾) ٽن قسمن جا ماڻهو آهن، يعني قوم جا دشمن، گڏيل قومي محاذ ۾ اسان جا اتحادي ۽ اسان جا پنهنجا ماڻهو. اسان جا پنهنجا ماڻهو ڪير آهن؟ اهي آهن عوام ۽ انهن جو اڳواڻ دستو، يعني انقلابي پورهيت وطن دوست پارٽي. اسان کي انهن ٽنهي مان هر هڪ جي باري ۾ جدا جدا رويي اختيار ڪرڻ جي ضرورت آهي. دشمن جي باري ۾ يعني (جپاني) سامراج ۽ ٻين سيني دشمنن جي باري ۾ انقلابي اديبن ۽ فنڪارن جو فرض آهي تہ انهن جي منافقيءَ ۽ بي رحميءَ کي اگهاڙو ۽ بي نقاب ڪن ۽ ساڳئي وقت اهو بہ ٻڌائين تہ انهن جي شڪست اٽل ٿر آهي. اهڙيءَ طرح ڪين گهرجي تہ جپان دشمن عوامي فوج ۽ عوام جا حوصلا وڌائين ۽ بلند رکن تہ جيئن هو دشمن کي نيست و نابود ڪرڻ لاءِ هڪ مناءِ يڪ دليا ۽ يڪ خيالا ٿي، همت ۽ بهادريءَ سان وڙهن. گڏيل قومي محاذ ۾ اسان جي ڌار ڌار اتحادين جي باري ۾ اسان جو رويو بہ طرفو هئڻ ڪپي. يعني اتحاد ۽ اتحاد سان گڏ تنقيد وارو. هو جپان جو جيڪو مقابلو ڪري رهيا آهن، اسين ان جي تائيد ۽ حمايت ڪريون ٿا. جيڪڏهن هو ڪا ڪاميابي حاصل ڪن ٿا تہ اسين ان جي تعريف ڪريون ٿا. پر جي هو مقابلي جي جنگ ۾ سرگرميءَ سان حصو نہ ونن، تہ اسان کي انهن تي تنقيد ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪوبہ ماڻهو انقلابي پارٽيءَ ۽ عوام جي مخالفت ڪندو ۽ رجعت پسنديءَ جي رستي تي هلندو رهندو، تہ اسين ان جي ثابت قدميءَ سان مخالفت ڪنداسين. باقي رهيا عام ماڻهو، سندن محنت ۽ سندن جدوجهد، سندن فوج ۽ سندن پارٽي ـــ سو انهن جي اسان کي يقيناً تعريف ۽ ساراهه ڪرڻ گهرجي. عوام ۾ بہ خاميون آهن. پورهيتن ۾ گهڻا ماڻهو اڳي وانگر چوٽي وچين طبقي جا سپ پوئتي پيل خيال رکن ٿا. پوئتي پيل خيال سندن جدوجهد ۾ زبردست رنڊڪون ثابت ٿين ٿا. اسان کي صبر ۽ تحمل سان ۽ ڊگهي عرصي تائين کين تعليم ڏيڻ گهرجي ۽ سندن مدد ڪرڻ

گهرجي، تہ جيئن هو پوئتي پيل خيالن جو بوجو پنهنجن مٿن تان لاهين ۽ پنهنجون اوٽايون ۽ غلطيون سڌارين ۽ تيز رفتاريءَ سان اڳتي وڌي سگهن. ساڳئي وقت اسان جي انقلابي اديبن ۽ فنڪارن کي گهرجي تہ پست خيال رکندڙ ماڻهو، جدوجهد هلائيندي، پنهنجو پاڻ کي ڪيئن نئين سانچي ۾ وجهي چڪا آهن يا وجهن پيا، تنهن جي تصوير پنهنجي ادب ۽ فن ذريعي چٽي ڏيکارين. جيڪڏهن پوئتي پيل خيال رکندڙ ماڻهو پنهنجي غلطين کي ڇهتا نٿا رهن، تہ پوءِ اسان کي کپي تہ سندن ڪمزورين تي گهڻو بحث نہ ڪريون. اسان کي مٿن چٿرون بہ نہ ڪرڻ گهرجن. اها سنگين غلطي ٿيندي. ساڻن وير رکڻ تہ مرڳو بنهہ غلط ڳالهہ ٿيندي. اسان کي پنهنجين تخليقن سان عوام جي مدد ڪرڻ گهرجي تہ جيئن هو متحد ٿين، ترقي ڪن، هڪڙي دل ۽ هڪڙو ذهن ٿي اڳيان وڌن رڌي ۽ پوئتي پيل ڳالهين کي ڦٽو ڪن ۽ نين سنين ۽ انقلابي ڳالهين کي هٿ ۾ ڪٽن. اسان کي بہ ڪا اهڙي ڳالهہ نہ لکڻ کپي، جا انهيءَ اصول جي برخلاف هجي.

اسان جي اديبن ۽ فنڪارن کي ادبي ۽ فني ڪم برابر ڪرڻو آهي، پر سندن پهريون فرض اهو آهي تہ هو عوام کي چڱيءَ طرح سمجهن ۽ ڄاڻن. ان سلسلي ۾ اسان جي اديبن ۽ فنڪارن جو ڪهڙو حال رهيو آهي؟ آءٌ چوندس تہ انهن جي علم ۽ سمجهہ ۾ گهٽتائي پئي رهي آهي. هو ڄڻ "اهي جوڌا جوان آهن جن کي پنهنجي بهادري ڏيکارڻ لاءِ ڪا جڳهہ نٿي ملي." ڄاڻ ۽ علم ۾ گهٽتائيءَ جو مطلب ڇا آهي؟ ان جو مطلب آهي عوام کي چڱيءَ طرح نہ ڄاڻڻ. اڪثر لکندڙن ۽ فنڪارن کي انهن ماڻهن جي پوري خبر ۽ پروڙ نہ هوندي آهي. تہ بہ پيا لکندا ۽ فني تصويرون چٽيندا آهن. هو مزدورن. هارين يا انقلابي سپاهين کي چڱيءَ طرح نٿا سڃاڻن ۽ نہ ئي هو انقلابي پورهيت قومي ڪارڪنن کي ئي چڱيءَ طرح سمجهن ٿا. ڀلا سمجهہ ۾ گهٽتائيءَ جو مطلب ڇا آهي؟ ان جو مطلب آهي ٻولي نہ سمجهڻ. يعني عوام جي شاهوڪار ۽ جيئري جاڳندي ٻوليءَ کان چڱيءَ طرح واقف نہ هجڻ. جيئن تہ گهڻا لکندڙ ۽ فنڪار عوام کان پري پري رهن ٿا ۽ کوکلي زندگي گذارين ٿا. تنهنڪري انهن جون تخليقون نہ صرف ٻوليءَ جي لحاظ کان ٻسيون ۽ بي جان هونديون آهن. بلڪ انهن مان گهڻا تہ پنهنجا اهڙا من گهڙت جملا پيا ٺاهيندا آهن. جيڪي عوام جي محاوري موجب بلڪل غلط هوندا آهن. گهڻا ئي ساٿي لکڻ جي "عوامي انداز" جون ڳالهيون ڪرڻ پسند ڪندا آهن. پر حقيقت ۾ عوامي انداز جو مقصد ڇا آهي؟ ان جو مطلب هي آهي تہ اسان جي

لڪندڙن ۽ فنڪارن جي خيالن ۽ احساسن کي مزدورن هارين ۽ سپاهين جي خيالن ۽ احساسن سان ملائي هڪ ڪرڻ گهرجي. انهيءَ ميلاپ حاصل ڪرڻ لاءِ انهن کي سچيءَ دل سان عوام جي ٻولي سکڻ گهرجي. جيستائين اوهان کي عوام جي ٻولي ئي سمجهه ۾ نٿي اچي. تيستائين اوهان ادبي ۽ فني تخليق جون ڳالهيون ڪيئن ٿا ڪري سگهو؟ جڏهن اسان اهو چئون ٿا ته ”اوهان اهڙا جنگي جوڌا آهيو جن کي پنهنجي بهادري ڏيکارڻ لاءِ ڪا جاءِ نٿي ملي.“ تڏهن ان مان اسان جو مطلب هي هوندو آهي ته اوهان جيڪي عظيم سچ ميڙي چوندي گڏ ڪيا آهن. تن جو عوام وٽ ڪوبه قدر ڪونهي. اوهان پنهنجو پاڻ کي عوام جي سامهون جيترو قابل ظاهر ڪندا ۽ جيترو زياده ”ادبي هيري“ جو سانگ رچائيندا. اوترو ئي گهٽ امڪان آهي ته هو اوهان کي قبول ڪن. جيڪڏهن اوهان چاهيو ٿا ته عوام اوهان کي سمجهي. جيڪڏهن اوهان عوام سان ملي هڪ ٿيڻ چاهيو ٿا. ته پوءِ اوهان کي ثابت قدميءَ سان فيصلو ڪري. پاڻ کي پختي انقلابي پورهيت وطن دوست قومي اديب ۽ فنڪار بنجڻ جي ڏکيءَ ۽ اٽانگيءَ آزمائش مان پار لنگهڻ لاءِ تيار ٿي وڃڻ گهرجي. ان باري ۾ جيڪڏهن آءٌ توهان کي ٻڌايان ته منهنجا پنهنجا احساس ڪيئن بدليا، ته شايد نامناسب نه ٿيندو.

مون پنهنجي زندگيءَ جي شروعات هڪ شاگرد جي حيثيت ۾ ڪئي. مون اسڪول ۾ شاگردن جا رنگ ڍنگ سکيا. تنهنڪري انهن ڏينهن ۾ آءٌ ٿورڙي به هٿ جي پورهئي ڪرڻ ۾ پنهنجي شان جي گهٽتائي سمجهندو هوس. چو ته منهنجا اهي ساٿي پنهنجي ڪلهن تي يا پنهنجي هٿن ۾ ڪابه شيءِ کڻڻ برداشت نه ڪندا هئا. انهن ڏينهن ۾ آءٌ پائيندو هوس ته دنيا ۾ رڳو پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو ئي صاف سٿرا آهن ۽ انهن جي ڀيٽ ۾ مزدور ۽ هاري گندا آهن. مون کي ٻين پڙهيلن ڳڙهيلن جي ڪپڙن پائڻ ۾ ڪوبه حجاب ڪونه ٿيندو هو. چو ته آءٌ انهن کي صاف سٿرو سمجهندو هوس پر آءٌ مزدورن يا هارين جي ڪپڙن پائڻ لاءِ ڪنهن به صورت ۾ تيار ڪونه هوندو هوس. چو ته آءٌ انهن کي گندو سمجهندو هوس. پر جڏهن آءٌ هڪ انقلابي بنجي ويس ۽ مزدورن، هارين ۽ انقلابي مجاهدن سان گڏ رهيس، تڏهن آهستي آهستي آءٌ انهن کي چڱيءَ طرح سڃاڻي ويس ۽ هنن به رفتي رفتي مون کي سڃاڻي ورتو. ان کان پوءِ ۽ رڳو ان کان پوءِ ئي، مون ملڪيت وارن ۽ ٿورڙيءَ ملڪيت وارن ماڻهن جي انهن احساسن کي بنيادي طرح پاڻ مان تڙي ڪڍيو، جيڪي احساس ملڪيت وارن ماڻهن جي اسڪولن ۾

منهنجي ذهن ۾ ويهاريا ويا هئا. آءٌ محسوس ڪرڻ لڳس تہ مزدورن ۽ هارين جي مقابلي ۾ اهي پڙهيل ڳڙهيل هرگز صاف سٿرا ڪونهن جن پنهنجو پاڻ کي نئين انقلابي سانچي ۾ نہ وڌو آهي. آءٌ سمجهي ويس تہ جي ڳالهہ جي تہ تائين پهچبو تہ پوءِ مزدورن ۽ هارين جا هٿ پلي ڪٽي بوسي ۾ لِتل هجن تہ بہ هو دنيا جا صاف ۾ صاف ۽ سٿري ۾ سٿرا ماڻهو آهن ۽ اهي حقيقت ۾ گهٽي يا ٿوري ملڪيت واري طبقي جي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن کان گهٽو پاڪ صاف ۽ اڇا اجرا آهن. احساسن ۾ ڦيري اچڻ جو مطلب اهوئي آهي. يعني ماڻهوءَ جي ذهن ۽ دل ۾ هڪ طبقي جي احساسن ۾ مان ڦري ٻئي طبقي جا احساس پيدا ٿي پون. جيڪڏهن اسان جا اهي اديب ۽ فنڪار جيڪي پڙهيل ڳڙهيل طبقي مان پيدا ٿيا آهن، سي چاهين ٿا تہ سندن تخليقون عوام پسند ڪري تہ پوءِ انهن کي گهرجي تہ هو پنهنجي سوچ ۽ پنهنجي احساسن کي بدلائين ۽ انهن کي نئين سانچي ۾ وجهن. ان قسم جي تبديليءَ انهيءَ قسم جي نئين سانچي ۾ پوڻ کان سواءِ هو ڪوبہ ڪم چڱيءَ طرح نہ ڪري سگهندا ۽ هو هميشه اوپرا پيا لڳندا.

آخري مسئلو آهي مطالعي جو. ان مان منهنجي مراد آهي مارڪس ۽ لينن جي انقلابي تعليم ۽ پنهنجي سماج جو مطالعو. جيڪو ماڻهو پنهنجو پاڻ کي مارڪس جي انقلابي تعليم تي هلندڙ پورهيت قومي اديب تصور ڪري ٿو ۽ خاص ڪري جيڪو ماڻهو انقلابي پورهيت وطن دوست پارٽيءَ جو ميمبر آهي، ان لاءِ لازمي آهي تہ هو مارڪس ۽ لينن جو انقلابي ۽ سائنسي علم حاصل ڪري. اڄڪلهہ ڪيترن ساٿين ۾ مارڪس جي انقلابي سائنسي علم جي بنيادي نظرين جي ڄاڻ جي گهٽتائي آهي. مثال طور اهو هڪ بنيادي مارڪسي انقلابي سائنسي نظريو آهي تہ انساني سمجهہ جو دارومدار انسان جي هستيءَ تي آهي ۽ اسان جا خيال ۽ احساس بنيادي طرح طبقاتي ۽ قومي جدوجهد جي حقيقي حالتن مان پيدا ٿين ٿا. مگر اسان جا ڪي ساٿي انهيءَ حقيقت کي هٽيو اونڌو ڪريو رکن. هو چون ٿا تہ هر شيءِ جي شروعات ”محبت“ سان ٿيڻ کپي. حالانڪ جنهن سماج ۾ ڏار ڏار ۽ هڪٻئي جا مخالف طبقا آهن، تنهن ۾ محبت تي بہ طبقن جو اثر ۽ رنگ چڙهيل هوندو آهي. پر هي ساٿي اهڙيءَ محبت جا ڳولائو آهن جا طبقن جي اثر کان آجي ۽ مٿاهين هجي. هو خيالي آزاديءَ ۽ خيالي انساني فطرت وغيره جون ڳالهيون سوچيندا آهن. ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هو ملڪيت واري طبقي جي ڦهلايل خيالن جا شڪار آهن. انهن کي ان اثر کان پوريءَ طرح

چوٽڪارو حاصل ڪرڻ ڪپي، ۽ مارڪس ۽ لينن جي انقلابي سائنسي تعليم جو نئژت ۽ نهنائيءَ سان مطالعو ڪرڻ ڪپي. ائين برابر آهي تہ اديبن ۽ فنڪارن کي ادبي ۽ فني تخليقن جو بہ مطالعو ڪرڻ گهرجي. پر مارڪس ۽ لينن جي انقلابي سائنس جو مطالعو هر انقلابيءَ لاءِ لازم آهي، چاهي اهو اديب هجي يا غير اديب. اديبن ۽ فنڪارن کي سماج جو مطالعو ڪرڻ گهرجي، يعني هنن کي سماج جي مختلف طبقن، انهن جي هڪٻئي سان لاڳاپن، سندن جدا جدا حالتن، سندن شڪل، صورت ۽ آرڪاٽن ۽ سندن نفسيات جو مطالعو ڪرڻ ڪپي. جڏهن اسان انهن سيني ڳالهين کي چڱيءَ طرح سمجهي وٺنداسين، تڏهن ئي اسان وٽ اهڙو ادب ۽ فن پيدا ٿي سگهندو، جو معنيٰ ۽ مطلب جي خيال کان بہ اعليٰ هجي ۽ سندس لاڙو ۽ رخ بہ صحيح طرف هجي.

مون رڳو بحث جي شروعات ڪرڻ لاءِ اهي مسئلا پيش ڪيا آهن. اميد تہ توهان سڀ انهن مسئلن توڙي ٻين لاڳاپيل مسئلن بابت پنهنجا خيال ۽ رايا پيش ڪندا.

# بحث جو آخري نتيجو

ساٿيو! اسانجي هن بحث جي مجلس هن مهيني ۾ ٽي دفعا اجلاس ڪيا آهن. اسان سچ جي ڳولا ۾ گرماگرم بحث ڪيا آهن، جن ۾ انقلابي پورهيت وطن دوست پارٽيءَ جي تمام گهڻن توڙي غير ميمبر ساٿين حصو ورتو آهي. جن مسئلن تي اسين ويچار پيا ڪريون تن کي هنن ظاهر ڪري انهن کي وڏيڪ حقيقي ۽ نوس روپ ڏنو آهي. آءٌ سمجهان ٿو تہ اها ڳالهہ سموري ادبي ۽ فني تحريڪ کي گهڻو فائدو پهچائيندي.

ڪنهن مسئلي تي غور ڪرڻ مهل سڀ کان پهريون ڪم آهي ان بابت نوس حقيقتن کي ڳولهي لهڻ ۽ انهن کي سمجهڻ، ۽ نہ رڳو ان جون خيالي ۽ ڪتابي وصفون (Definitions) ڳولهڻ يا ناهڻ. جيڪڏهن اسين پهرين ويهي درسي ڪتابن ۾ ادب ۽ فن جون معنائون ۽ وصفون ڳولهي ڪيون، پوءِ انهن جي آڌار تي اڄوڪي فني ۽ ادبي تحريڪ لاءِ رهنمائي ڪندڙ اصول تيار ڪريون، ۽ اڄ جيڪي خيال ظاهر ٿيا آهن ۽ جيڪو مناظرو ٿيو آهي، تن کي پرکيون، تہ اهو غلط طريقو ٿيندو.

اسين (عظيم انقلابي سائنسدان، عالم ۽ داناءُ) مارڪس (جي ايجاد، دريافت ۽ تخليق ڪيل علم ۽ سائنس) جا پوئلڳ آهيون، ۽ مارڪسي انقلابي علم ۽ سائنس ۾ ڪم ڪرڻ جو مارڪسي انقلابي ڍنگ اسان کي سيکارين ٿا تہ جڏهن ڪنهن مسئلي تي غور ڪجي، تہ سڀ کان پهرين انهن حقيقي طرح موجود حقيقتن تي غور ڪجي، جي ان مسئلي سان واسطو رکن ٿيون. عام طرح؛ جو پهرين ان مسئلي جون ڪتابن ۾ لکيل معنائون ۽ وصفون ڳولي ڪڍندا آهن يا ناهيندا آهن (مثلاً؛ ادب جي معنيٰ ڇا آهي؟ اديب ڪنهن کي چئجي؟ "ادب" اکر ڪهڙي ٻوليءَ مان نڪتو آهي؟ فلاڻو يوناني يا عربي عالم ان جون ڪهڙيون وصفون ڳڻايون آهن؛ وغيره)، سو طريقو غير سائنسي ۽ غلط آهي. اسان کي گهرجي تہ هر مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ رهبري ڪندڙ اصول؛ پاليسيون ۽ تدبيرون، انهن نتيجن جي مدد سان ناهيون، جيڪي نتيجا حقيقي طرح موجود حقيقتن ۽ حالتن جي پوريءَ ڇنڊڇاڻ مان حاصل ٿين. انهي ۽ فني ڪم بابت هن بحث ۾ بہ اهو طريقو ڪتب آڻڻ گهرجي . . . .

تڏهن پلا هن بحث جا بنيادي سوال ڪهڙا آهن؟ منهنجي راءِ ۾ اهي هي آهن تہ (ادبي ۽ فني) ڪم عوام لاءِ ڪجي ۽ ڪهڙي نموني ڪجي. جيستائين اهي بيئي مسئلا حل نہ ڪيا ويندا، يا مناسب طور تي حل نہ ڪيا ويندا، تيستائين اسان جا اديب ۽ فنڪار پنهنجي ماحول ۽ پنهنجي فرضن لاءِ موزون ثابت نہ ٿيندا ۽ انهن کي اندران توڙي ٻاهران گهڻيون مشڪلاتون اڳيان ايندي‌يون. منهنجي پڄاڻيءَ واري گفتگو انهن ٻنهي مسئلن بابت هوندي ۽ ان ۾ ٻين ڪن لاڳاپي رکندڙ مسئلن جو پڻ سرسري طور تي ذڪر هوندو.

## (1)

پهريون مسئلو آهي: ادب ۽ فن ڪنهن جي لاءِ؟ ڪنهن جي فائدي لاءِ؟

هي مسئلو گهڻو اڳ مارڪسين، خاص ڪري لينن حل ڪري ڇڏيو هو. گهڻو عرصو ٿيو، جو 1905ع ۾ ئي لينن پرزور لفظن ۾ ٻڌايو هو تہ "اسان جي ادب ۽ فن کي گهرجي تہ لکين ڪروڙين پورهيت عوام جي خدمت ڪري." تي سگهي ٿو تہ جپان دشمن انقلابي اڏن جي علائقن ۾ ادبي ۽ فني ڪم ڪرڻ وارن ساٿين جي نظر ۾ هي مسئلو هڪڙو اڳي ئي حل ٿيل مسئلو آهي، ۽ انهن جي خيال ۾ هاڻي ان مسئلي تي وڌيڪ بحث ڪرڻ جي ضرورت نہ هجي. پر حقيقت

۾ ائين ناهي. ڪيترن ساٿين اجا هن مسئلي جو صاف حل ڳولي نہ لڌو آهي. تنهنڪري سندن احساس ۽ جذبا: سندن ادبي ۽ فني تخليقون ۽ سندن عمل، عوام جي ضرورتن ۽ عملي انقلابي ڪم سان نهڪيل نہ آهن. ساڳيءَ طرح ادب ۽ فن جي رهبريءَ لاءِ ڪهڙا اصول هئڻ گهرجن، تنهن جي باري ۾ بہ سندن خيال لازمي طرح عوام جي ضرورتن ۽ عملي (انقلابي) جدوجهد جي گهرجن سان ٿورو يا گهڻو اڻ نهڪيل آهن. جيڪي بي انداز ثقافتي شخصيتون: اديب، فنڪار ۽ ٻيا ادبي فني ڪارڪن، عوام جي انقلابي پورهيت وطن دوست پارٽيءَ ۽ سندن انقلابي فوج سان گڏ آزاديءَ جي عظيم جدوجهد ۾ ڪم ڪري رهيا آهن: تن مان ڪي بلاشڪ اهڙا شهرت پرست بہ هوندا، جيڪو رڳو ٿوري وقت لاءِ اسان سان گڏ آهن. پر سندن وڏي اڪثريت گڏيل انقلابي قومي مقصد ڪي حاصل ڪرڻ لاءِ سرجوشيءَ سان ڪم ڪري رهي آهي. انهن ساٿين جي سهاري اسان پنهنجي ادب، ڊرامي، راڳ ۽ نفيس فنن ۾ گهڻيءَ حد تائين ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. انهن اديبن ۽ فنڪارن مان گهڻن جپان سان مقابلي جي جنگ شروع ٿيڻ ڪان پوءِ پنهنجو ڪم شروع ڪيو آهي. گهڻا اهڙا بہ آهن. جن ان جنگ ڪان پهريائين گهڻي عرصي تائين انقلابي ڪم شروع ڪيو آهي، گهڻيون تڪليفون سٺيون آهن ۽ پنهنجي سرگرمين ۽ تخليقن سان عوام جي وڏن تعدادن ڪي متاثر ڪيو آهي تہ پوءِ اسين ائين چو ٿا چئون تہ انهن ساٿين ۾ ڪي اهڙا بہ آهن، جيڪي ان مسئلي جو حل ڳولي نہ سگهيا آهن تہ ادب ۽ فن ڪنهن جي لاءِ آهي؟ ڇا اهو سوچي سگهجي ٿو تہ ڪي ماڻهو اهڙا بہ آهن، جن جو چوڻ هجي تہ انقلابي ادب ۽ فن عوام جي فائدي لاءِ نہ، پر عوام ڪي پيڙيندڙن ۽ ستائيندڙن جي فائدي لاءِ هجي؟

بيشڪ اهڙو ادب ۽ فن موجود آهي، جو عوام ڪي پيڙيندڙن ۽ ستائيندڙن لاءِ آهي. جيڪو ادب ۽ فن وڏيرڪي جاگيردار طبقي لاءِ آهي، سو وڏيرڪو ۽ جاگيردار ادب ۽ فن آهي. چين جي قبائلي سرداريءَ وڏيرپ ۽ جاگيرداريءَ واري دور ۾ حاڪم طبقي جو وڏيرڪو ۽ جاگيرداري ادب ۽ فن هو. اڄ بہ چين ۾ ان قسم جي ادب ۽ فن جو ڪافي اثر آهي. جيڪو ادب ۽ فن ملڪيت واري ۽ شاهوڪار سيٺ ۽ سرمائيدار طبقي لاءِ آهي، سو ملڪيت وارو ۽ سرمائيدار ادب ۽ فن آهي. لبانگ، شي چئو جهڙا ماڻهو، جن تي (چين جي عظيم انقلابي جمهوري اديب) لوهسون سخت تنقيد ڪئي آهي، ۽ ٻيا اهڙا ماڻهو چون ٿا تہ ادب ۽ فن طبقن ڪان بي نياز ۽ اوچا آهن پر حقيقت ۾ اهڙا ماڻهو ملڪيت واري ۽

سرمائيدار ادب ۽ فن جا مخالف آهن. تنهن ڪان سواءِ اهڙو ادب ۽ فن بہ موجود آهي جيڪو سامراجين جي خدمت ڪري ٿو. ان کي اسين غدار ادب ۽ غدار فن ڪوٺيون ٿا. اسان جي نظر ۾ ادب ۽ فن عوام لاءِ آهي ۽ نہ ڪي مٿي ذڪر ڪيل طبقن لاءِ. اسين اهو چئي چڪا آهيون تہ انقلابي قومي جدوجهد جي هن ڏاڪي تي، چين جي نئين ثقافت (ادب، فن وغيره) اسان جي عوام جي سامراج دشمن ۽ سردار دشمن؛ زميندار دشمن، جاگيردار دشمن ثقافت آهي. جنهن جي اڳواڻي پورهيت طبقو ڪري ٿو. اڄڪلهہ جيڪا بہ ڳالهہ صحيح معنیٰ ۾ عوام لاءِ آهي، ان جي اڳواڻي لازمي طرح اسان جي پورهيتن کي ڪرڻ کپي. ادب هجي يا فن يا ڪا بہ ڳالهہ، پر جيڪا بہ ڳالهہ ملڪيت واري ۽ شاهوڪار طبقي جي اڳواڻيءَ هيٺ هجي سا ڪنهن بہ طرح عوام جي ٿي نہ ٿي سگهي. اسان کي چين توڙي ٻيءَ دنيا جي اڳوڻي شاندار ادبي ۽ فني ورثي ۽ روايتن کي لازمي طرح هٿ ڪرڻ کپي. پر ان جو مقصد عام ماڻهن جي خدمت ئي هجڻ کپي. اسين ماضيءَ جي ادبي ۽ فني صنفن کي استعمال ڪرڻ ڪان انڪار نٿا ڪريون. مگر اسان انهن پراڻين صنفن کي نئين انقلابي ڪارب ۾ وجهي ۽ کين نئين معنیٰ ۽ مفهوم سان پر ڪري، انهن کي عوام جي خدمت لاءِ انقلابي هٿيار وانگر ڪتب آڻينداسون.

پلا عوام مان مراد ڇا آهي؟ عوام مان مراد آهي عوام جا وسيع ترين حلقا، جيڪي اسان جي ڪل آباديءَ جي نوي سيڪڙي ڪان وڌيڪ آهن. اهي آهن مزدور، هاري قومي انقلابي مجاهد سپاهي ۽ شهر جا غريب ۽ ننڍي وچين طبقي جا سفيد پوش. تنهنڪري اسان جو ادب ۽ فن سڀ ڪان پهريائين اسان جي مزدورن جي لاءِ آهي، يعني ان طبقي جي لاءِ آهي، جيڪو اسان جي انقلاب جي اڳواڻي ڪري ٿو. ٻيو اهو هارين لاءِ آهي، جيڪي انقلابي قومي جدوجهد ۾ اسان جا سڀ ڪان گهڻي تعداد وارا ۽ نهايت ثابت قدم اتحادي آهن. ٽيون اهو هٿياربند مزدورن ۽ هارين لاءِ آهي، يعني انقلابي قومي فوج ۽ عوام جي ٻين هٿياربند دستن لاءِ آهي، جيڪي انقلابي جنگ ۾ عوام جي مکيہ قوت آهن. چوٿون، اهو شهري ننڍي وچين طبقي جي پورهيت عوام ۽ ننڍي وچين طبقي جي پڙهيلن ڳڙهيلن ۽ دانشورن جي لاءِ آهي، جي ٻيئي طبقا انقلاب ۾ اسان جا اتحادي آهن ۽ اسان سان ڏگهي عرصي تائين ساٿ ڏيئي سگهن ٿا. انهن چئن قسمن جا ماڻهو چيني قوم جي ڳري اڪثريت آهن ۽ اسان جا وسيع ترين عوام آهن.

اسان جي ادب ۽ فن کي مٿي ذڪر ڪيل انهن ڇئن قسمن جي ماڻهن لاءِ هجڻ ڪپي. انهن جي خدمت ڪرڻ لاءِ اسان کي ڪپي تہ اسين هر ڳالهہ ۾ ننڍي وچين (يعني ٿوري گهڻي ملڪيت واري) طبقي جو رخ اختيار نہ ڪريون، پر اهو رخ اختيار ڪريون، جو سجاڳ ۽ انقلابي پورهيت طبقي کي اختيار ڪرڻ ڪپي، ۽ هر ڳالهہ کي ننڍي وچين طبقي جي نظرن سان ڏسڻ بدران انقلابي طبقي جي نظرن سان ڏسون. جيڪي اديب ۽ فنڪار آپي شينهن هجڻ يا انفراديت پسنديءَ وارو رخ وٺن ٿا، جيڪو ٿوري گهڻي ملڪيت واري ننڍي وچين طبقي جو رخ آهي، سي حقيقي معنيٰ ۾ انقلابي مزدورن، هارين ۽ انقلابي قومي مجاهد سپاهين جي خدمت نٿا ڪري سگهن. انهن جي دلچسپي گهڻي ڀاڱي ننڍي وچين طبقي جي ٿورن پڙهيل ماڻهن تائين محدود آهي. اهوئي سڀ کان وڏو سبب آهي، جو اسان جا ڪيترا ساٿي "ادب ڪنهن جي لاءِ؟" واري سوال کي صحيح طرح حل نہ ٿا ڪري سگهن. هتي آءٌ اصول جي ڳالهہ نٿو ڪريان ڇو تہ اسان جي انقلابي صفن ۾ ڪوبہ شخص اهڙو ناهي، جيڪو نظرياتي ۽ اصولي طرح تي يا ڳالهہ ٻولهہ ڪندي، مزدورن، هارين ۽ انقلابي قومي مجاهد سپاهين کي ننڍي وچين طبقي جي لکيل پڙهيل ڳڙهيلن کان گهٽ سمجهندو هجي. آءٌ عمل جي ڳالهہ ٿو ڪريان. ڇا هو عمل ۾ ننڍي وچين طبقي جي لکيل پڙهيل ماڻهن کي مزدورن، هارين ۽ انقلابي قومي مجاهد سپاهين کان زياده اهم نٿا ليکين؟ منهنجو خيال آهي تہ هو ائين ڪن ٿا. گهڻا (اديب ۽ فنڪار) ساٿي ننڍي وچين طبقي جي لکيل پڙهيل ماڻهن جي (ادبي ۽ فني) مطالعي ڪرڻ ۽ سندن نفسيات جي (ادبي يا فني) ڇنڊڇاڻ ڪرڻ سان گهڻي دلچسپي رکن ٿا. هو پنهنجي (تخليقن ۾) سڄو ڌيان انهن پڙهيلن جي تصوير چٽڻ ۽ سندن خامين تي پردي وجهڻ يا سندن خامين جي صفائي پيش ڪرڻ تي ڏين ٿا. حالانڪہ سندن اصل فرض اهو آهي تہ هو انهن ننڍي وچين طبقي جي پڙهيلن جي رهبري ڪري، ڪين انهيءَ ڳالهہ لاءِ تيار ڪن، تہ هو ساڻن (انقلابي اديبن ۽ فنڪارن سان) گڏجي، مزدورن، هارين ۽ انقلابي قومي مجاهد سپاهين جي ويجها ٿين، عوام جي عملي انقلابي جدوجهد ۾ حصو وٺن، عوام جون (ادبي ۽ فني) تصويرون چٽين ۽ ڪين تعليم ڏين. جيئن تہ گهڻا (اديب ۽ فنڪار) ساٿي ننڍي وچين طبقي جا آهن ۽ پاڻ بہ پڙهيل ڳڙهيل آهن، تنهنڪري هو فقط پڙهيلن سان ئي دوستي رکن ٿا ۽ پنهنجو سمورو ڌيان انهن جي مطالعي ۽ انهن جي (ادبي ۽ فني) تصوير چٽڻ تي صرف ڪن ٿا. ان قسم جو

مطالعو ۽ ان قسم جي تصوير چٽڻ هن شرط سان جائز آهي تہ ان ۾ انقلابي پورهيت طبقي جو رخ اختيار ڪن. (يعني پاڻ کي مزدور طبقي جي جاءِ تي بيهاري، انهن جي انقلابي نظر سان اهو مطالعو ۽ تصوير چٽڻ جو ڪم ڪن). پر هو يا تہ صفا ائين نٿا ڪن يا جي ڪن ٿا تہ بہ پوريءَ طرح نٿا ڪن. هو ننڍي وچين طبقي جو رخ اختيار ڪن ٿا ۽ اهڙيون تخليقون پيش ڪن ٿا، جيڪي ننڍي وچين طبقي جي نقطي نظر جي ترجماني ڪن ٿيون. ان جا مثال ڪيترين ئي ادبي ۽ فني تخليقن ۾ ملي سگهن ٿا. گهڻو ڪري هو انهن پڙهيلن جي لاءِ دلي همدرديءَ جو اظهار ٿا ڪن، جن جو بنيادي نقطي نظر ننڍي وچين طبقي وارو هوندو آهي. ايتريقدر، جو هو انهن جي خامين سان پڻ همدردي ڪن ٿا. ايتري قدر، جو هو مورڳو انهن جي خامين جي بہ تعريف ڪن ٿا. ٻئي پاسي اهي (اديب ۽ فنڪار) ساٿي مزدورن، هارين ۽ انقلابي قومي مجاهد سپاهين سان ورلي ڪنهن لهہ وچڙ ۾ ايندا آهن. هو نہ انهن کي سمجهندا آهن ۽ نہ انهن جو مطالعو ڪندا آهن. انهن مان هنن جا ڪي بہ گهرا دوست نہ هوندا آهن ۽ هو انهن جي (ادبي ۽ فني) تصوير چٽي نہ سگهندا آهن. جيڪڏهن هو انهن جي تصوير چٽين بہ ٿا، تہ بہ ان تصوير جو ظاهري لباس پورهيتن وارو هوندو آهي، پر سندن چهرا ننڍي وچين طبقي جي پڙهيلن وارا هوندا آهن. ڪن ڳالهين ۾ هو مزدورن، هارين ۽ انقلابي قومي مجاهد سپاهين ۽ انهن طبقن مان پيدا ٿيل انقلابي پورهيت قومي ڪارڪنن سان پيار ڪن ٿا. مگر ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿئي ٿو تہ هو انهن کي پسند نٿا ڪن، سندن ڪي ڳالهيون اهڙيون آهن، جن کي هو پسند نٿا ڪن، هو سندن احساسن يا سندن اٿڻي وهڻيءَ يا سندن نئين چاول ادب ۽ فن کي (پٿين جون اخبارون، پٿين تي ڪڍيل تصويرون، لوڪ گيت، ڳالهيون ۽ داستان وغيره) پسند نٿا ڪن. ڪڏهن ڪڏهن هو انهن شين کي بہ چاهين ٿا، پر اهو ان وقت هوندو آهي، جڏهن هو ڪنهن نواڻ جي يا ڪنهن اهڙيءَ شيءِ جي ڳولا ۾ هوندا آهن، جنهن سان هو پنهنجي تخليقن کي دلڪش بنائي سگهن. ڪڏهن تہ مرڳو هو عوام جي اهڙين ڳالهين جي ڳولا ۾ هوندا آهن جن ۾ عوام پوئتي پيل هوندو آهي. ٻين وقتن تي هو انهن شين کي کليو کلايو حقارت جي نظر سان ڏسندا آهن ۽ انهن سيني شين کي پسند ڪندا آهن، جيڪي ننڍي وچين طبقي جي پڙهيلن بلڪ شاهوڪار ۽ سرمائيدار طبقي سان تعلق رکن ٿيون. انهن (اديب ۽ فنڪار) ساٿين پنهنجا پير ننڍي وچين طبقي جي پڙهيلن واري پاسي پختا ڪري بيهاريا

آهن، يا وڏيڪ بهتر نموني ۾ هيئن چئي سگهجي ٿو ته سندن روح جي گهراين ۾ اجا تائين ننڍي وچين طبقي جي پڙهيلن جي سلطنت قائم آهي. اهوئي سبب آهي جو انهن اجا تائين ”ادب يا فن ڪنهن جي لاءِ؟“ وارو مسئلو حل نه ڪيو آهي يا صاف طرح حل نه ڪيو آهي. اها حالت نه فقط انهن اديبن ۽ فنڪارن جي آهي، جيڪي تازو يينان ۾ آيا آهن، پر ڪن اهڙن اديب ۽ فنڪار ساٿين جي پڻ آهي، جيڪي جنگي محاذ تي رهيا آهن ۽ انقلابي اڏن وارن علائقن ۾، ۽ انقلابي قومي فوجن ۾ ورهين جا ورهيه ڪم ڪيو اٿن. هن مسئلي کي مڪمل طور تي حل ڪرڻ لاءِ انقلابي اديب ۽ فنڪار کي ڊگهو عرصو، گهٽ ۾ گهٽ اٺ يا ڏهه سال درڪار ٿيندو. پر ڪٽي ڪيتري به مدت لڳي، اسان کي ان مسئلي کي لازمي طرح صاف ۽ مڪمل طرح حل ڪرڻو آهي. اسان جي ادبي ۽ فني انقلابي ڪارڪنن لاءِ ضروري آهي ته هو اهو ڪم مڪمل طرح سرانجام ڏين ۽ پنهنجو رخ بدلائين. ڪين مزدورن، هارين ۽ انقلابي قومي مجاهد سپاهين ڏانهن، انقلابي مزدور طبقي ڏانهن، آهستي آهستي پنهنجا پير وڏائي اچڻ گهرجن. اها ڳالهه فقط تڏهن ٿي سگهندي، جڏهن هو مزدورن، هارين ۽ سپاهين سان بلڪل وچ ۾ وڃي بيهندا ۽ عملي انقلابي جدوجهد جي ڪوري ۾ وڃي پچندا، مارڪسزم جي انقلابي علم ۽ انقلابي ڍنگ ۽ سماج جو مطالعو ڪندا. فقط ان طريقي سان ئي اسان کي اهڙو ادب ۽ فن مهيا ٿي سگهي ٿو، جيڪو صحيح معنيٰ ۾ مزدورن، هارين ۽ انقلابي قومي مجاهد سپاهين لاءِ هوندو ۽ جيڪو صحيح معنيٰ ۾ انقلابي پورهيت ادب ۽ فن هوندو.

”ادب ڪنهن جي لاءِ؟“ جو سوال هڪ بنيادي سوال آهي. اهو هڪ اصول جو سوال آهي. هن ڪان اڳ ڪن ساٿين جي وچ ۾ جيڪي مناظرا ۽ اختلاف ۽ جيڪي ٽڪر ۽ ڦيٽاڙا پوندا پئي رهيا آهن، اهي اصول جي ان بنيادي سوال تي نه هئا ته ”ادب ڪنهن جي لاءِ هجي؟“ اهي انهيءَ ڪان گهٽ اهميت وارن مسئلن بابت هئا، يا اجا به ائين چئجي ته اهڙن مسئلن تي هئا جن جو اصول سان ڪوبه تعلق نه هو. اصول جي هن سوال تي ٻنهي ڌرين ۾ شايد ئي ڪو اختلاف هو. سيپئي ذري گهٽ ساڳيءَ ڳالهه تي متفق هئا. ٻنهي ۾ ڪنهن حد تائين مزدورن، هارين ۽ انقلابي قومي مجاهد سپاهين کي گهٽ نظر سان ڏسڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي عوام کان الڳ رکڻ جو لاڙو ڏسجي ٿو. آءٌ ”ڪنهن حد تائين“ ان ڪري ٿو چوان، جو عام طرح اهي ساٿي مزدورن، هارين ۽ انقلابي قومي مجاهد سپاهين کي اهڙيءَ

طرح گهڻ نظر سان نٿا ڏسن ۽ پنهنجو پاڻ کي عوام کان اهڙيءَ طرح پري نٿا رکن، جهڙيءَ طرح ڪومن تانگ پارٽيءَ وارا انقلاب دشمن ڪن ٿا. تڏهن بہ هو اهو لاڙو اسان جي اديب ۽ فنڪار ساٿين ۾ موجود آهي. جيستائين اهو بنيادي مسئلو حل نہ ٿيندو، تيستائين گهڻن ٻين مسئلن کي حل ڪرڻ سولو ناهي. مثال طور ادبي ۽ فني حلقن ۾ ٽوليبازيءَ کي ئي وٺو. اهو بہ اصول جو ئي هڪ مسئلو آهي. پر ٽوليبازيءَ جي پاڙ صرف ان صورت ۾ پٽي سگهجي ٿي، جڏهن "ادب ۽ فن مزدورن ۽ هارين جي لاءِ،" "ادب ۽ فن انقلابي قومي مجاهد سپاهين جي لاءِ" ۽ "عوام سان وچ ۾ وڃي ٻيهو" جا نعرا بلند ڪيا وڃن ۽ دل جان سان انهن تي عمل ڪيو وڃي. ٻيءَ صورت ۾ ٽوليبازيءَ جو مسئلو ڪڏهن بہ حل نٿو ڪري سگهجي. انقلابي جمهوري اديب، لوهسون، هڪ ڀيري چيو هو:

> "گڏيل محاذ ناهڻ لاءِ پهريون شرط آهي تہ ان جو ڪو گڏيل مقصد هجي . . . . اسان جو محاذ متحد ناهي. انهي مان ظاهر آهي تہ اسين پنهنجي مقصدن ۾ ايڪو پيدا ڪري نہ سگهيا آهيون، ۽ ڪي شخص رڳو ننڍن ننڍن ٽولن جي لاءِ يا ائين چئجي تہ رڳو پاڻ لاءِ ڪم ڪرڻ ۾ سرگرم آهن. جيڪڏهن اسين سڀ مزدور ۽ هاري عوام جي خدمت کي پنهنجو مقصد بنايون، تہ اسان جي محاذ ۾ يقيناً اتحاد پيدا ٿيندو."

ان وقت اهو مسئلو شنگهائيءَ ۾ موجود هو. هاڻي اهو چيانگ ڪائي شيڪ جي گاديءَ چنگ ڪنگ ۾ بہ موجود آهي. ان قسم جي جاين تي اهو مسئلو مشڪل سان ئي مڪمل طور تي حل ڪري سگهجي ٿو. ڇو جو اتي جا حاڪم انقلابي اديبن ۽ فنڪارن کي ظلم ۽ جبر جو شڪار بنائين ٿا ۽ انهن کي مزدورن، هارين ۽ انقلابي قومي مجاهد سپاهين جي وچ ۾ وڃڻ جي آزادي نٿا ڏين. اسان وٽ ڳالهہ بلڪل ابتڙ آهي. اسين انقلابي اديبن ۽ فنڪارن جي همت افزائي ڪريون ٿا تہ هو مزدورن، هارين ۽ انقلابي قومي مجاهد سپاهين سان تمام ويجها تعلقات قائم ڪرڻ ۾ سرگرم ٿين ۽ کين ان ڳالهہ جي مڪمل آزادي ڏيون ٿا تہ هو عوام اندر وڃن ۽ حقيقي انقلابي ادب ۽ فن تخليق ڪن. تنهنڪري اسان وٽ اهو مسئلو ذري گهٽ حل ٿي رهيو آهي. پر "ذري گهٽ حل ٿي رهيو آهي" واري ڳالهہ "سچي ۽ مڪمل طور حل ٿيڻ" جي برابر ناهي. اسان کي انهيءَ

مسئلي جي سچي ۽ مڪمل حل جي ڳولا خاطر ئي مارڪس جي انقلابي علم ۽ سائنس ۽ پنهنجي سماج جو مطالعو ڪرڻ ڪپي. مارڪس جي انقلابي علم ۽ سائنس مان اسان جي مراد اهو زنده انقلابي علم ۽ سائنس آهي، جيڪو عوام جي زندگيءَ ۽ جدوجهد ۾ اثرائتو ڪردار ادا ڪري. رڳو لفظي مارڪسي علم ۽ سائنس نه. جڏهن مارڪس جو لفظي انقلابي علم ۽ سائنس ڦري حقيقي زندگيءَ ۾ ڪم ڏيندڙ انقلابي علم ۽ سائنس تي پوندا، تڏهن ڪنهن ٿوليبازيءَ جو وجود ئي نه رهندو. اهڙيءَ طرح نه رڳو ٿوليبازيءَ جو مسئلو حل ٿي ويندو، پر گهڻا ٻيا به مسئلا حل ٿي ويندا.

(2)

”ڪنهن جي خدمت ڪئي وڃي؟“ جي مسئلي ڪي طئي ڪرڻ کان پوءِ، اسين هاڻي ٻئي مسئلي تي اچون ٿا. ”يعني ڪيئن خدمت ڪئي وڃي؟“ اسان جي ڪن ساٿين جو چوڻ آهي ته ”سوال اهو آهي ته اسان کي پنهنجو پاڻ کي ادب ۽ فن جي معيار وڌائڻ لاءِ وقف ڪرڻ ڪپي يا انهن کي مقبول عام بنائڻ لاءِ؟“

اڳتي ڪنهن وقت ڪن ساٿين ڪنهن حد تائين بلڪ خطرناڪ حد تائين، ادب ۽ فن کي مقبول عام بنائڻ جي اهميت کي گهٽايو هو ۽ نظرانداز ڪيو هو، ۽ انهن جي معيار بلند ڪرڻ تي اجايو زور ڏنو هو. ادب ۽ فن جي معيار بلند ڪرڻ لاءِ زور بلاشڪ ڏيڻ ڪپي، پر ان ڪم کي هڪ طرفو ڪرڻ، رڳو اهو ڪم ڪرڻ، ۽ حد کان زياده ائين ڪرڻ، غلط ڳالهيون آهن. ”ادب ۽ فن ڪنهن جي لاءِ؟“ وارو سوال، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ پهريائين ڪري چڪو آهيان، سو جيڪڏهن صحيح نموني حل نه ٿيل هوندو، ته اها ڳالهه وري هن ڳالهه تي اثر وجهندي. جيئن ته اهي ساٿي ”ڪنهن جي لاءِ؟“ جي مسئلي کي چڱيءَ طرح نٿا سمجهن، ’ڪهڙي قسم جو معيار وڌائڻ ڪپي،‘ ۽ ’ڪهڙي قسم جو عام فهم انداز پيدا ڪرڻ گهرجي‘ تنهن جي باري ۾ جيڪي ڳالهيون ڪن ٿا، انهن لاءِ وٽن ڪابه صحيح ڪسوٽي ڪانه هوندي آهي. ادب ۽ فن جو معيار اوچو ڪرڻ ۽ ان کي عوام ۾ مقبول ڪرڻ، انهن ٻنهي ڳالهين جو پاڻ ۾ ڪهڙو لاڳاپو آهي، تنهن کي هو سمجهي نه سگهندا آهن. جيئن ته اسان جو ادب ۽ فن بنيادي طرح مزدورن، هارين ۽ سپاهين لاءِ آهي، تنهن ڪري ان کي مقبول عام بنائڻ مان اها مراد آهي ته ان کي مزدورن، هارين ۽ سپاهين اندر مقبول ڪيو وڃي، ۽ ان جي معيار بلند ڪرڻ جي معنيٰ

هيءَ آهي تہ ان ڪي سندس موجوده سطح کان اڳتي وڌايو وڃي. اسان ڪي مزدورن، هارين ۽ سپاهين اندر ڇا مقبول ڪرڻ گهرجي؟ ڇا اهو ادب ۽ فن مقبول عام ڪريون، جنهن جي جاگيردار ۽ زميندار طبقي کي ضرورت آهي ۽ ان ادب ۽ فن کي مقبول عام ڪريون، جنهن جي وچين ۽ سرمائيدار طبقي کي ضرورت آهي ۽ جنهن کي هو آسانيءَ سان قبول ڪري ٿو سگهي؟ ڇا، ان ادب ۽ فن کي مقبول عام ڪريون، جنهن جي چوٽي وچين طبقي جي دانشورن کي ضرورت آهي ۽ جنهن کي هو آسانيءَ سان قبول ڪري ٿو سگهي؟ نہ، انهن منجهان ڪنهن مان بہ ڪم نہ هلندو. اسان کي صرف اها شيءِ مقبول عام ڪرڻ کپي، جنهن جي خود مزدورن، هارين ۽ سپاهين کي ضرورت هجي ۽ جنهن کي هو آسانيءَ سان قبول ڪري سگهن. تنهنڪري مزدورن، هارين ۽ انقلابي مجاهدن کي ادب ۽ فن وسيلي تعليم ڏيڻ جي ڪم کان اول ڪم آهي خود اوهان جو مزدورن، هارين ۽ انقلابي مجاهدن کان سکيا وٺڻ. ادب ۽ فن جي معيار بلند ڪرڻ لاءِ تہ اها ڳالهہ پاڻ وڌيڪ ضروري آهي. ادب ۽ فن جي معيار اوچي ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ پهريائين اهو فيصلو ڪجي تہ ادب ۽ فن کي ڪٿان ڪٿي ڪهڙي اوچي هنڌ تي پهچائجي. هڪڙي پاٽيءَ جي ڏول جو مثال وٺو. جيڪڏهن ان کي زمين تان مٿي نہ کڻبو، تہ بيو ڪٿان کڻبو؟ هوا مان؟ ادب ۽ فن جي معيار کي ڪهڙي هنڌ تان مٿي کڻڻ کپي؟ ڇا ان کي زميندار، جاگيردار ۽ قبائلي سردار طبقي واري بنياد تان مٿي کنيو وڃي؟ يا ان کي وچين ملڪيت واري، سيٺئي ۽ سرمائيدار طبقي جي بنياد تان مٿي کڻجي؟ يا ان کي ننڍي وچين طبقي جي پڙهيلن ڳڙهيلن جي بنياد تان مٿي کنيو وڃي؟ نہ انهن مان ڪنهن بہ بنياد تان نہ، پر ان کي (يعني پنهنجي ادب ۽ فن جي معيار کي) صرف مزدورن، هارين ۽ انقلابي قومي مجاهد سپاهين واري بنياد تان مٿي کڻڻ کپي. وري ان کي مزدورن، هارين ۽ انقلابي قومي مجاهد واري بنياد کان وڌائي، ان کي زميندار، جاگيردار ۽ مردار طبقي، وچين ملڪيت واري سرمائيدار طبقي ۽ ننڍي وچين طبقي جي پڙهيلن ڳڙهيلن جي ”بلندين“ تائين پهچائڻو بہ ناهي. ادب ۽ فن جي سطح ۽ معيار کي ان طرف بلند ڪيو وڃي، جنهن طرف خود مزدور، هاري ۽ انقلابي قومي مجاهد سپاهي وڌي رهيا آهن، يعني جنهن ڏس ۾ خود انقلابي پورهيت طبقو اڳتي وڌي رهيو هجي. هتي وري بہ مزدورن، هارين ۽ انقلابي قومي مجاهدن کان سکڻ جي ڪم جي ضرورت سامهون اچي ٿي. فقط مزدورن، هارين ۽ انقلابي قومي مجاهد سپاهين

ڪان ڪم جي شروعات ڪرڻ سان ئي اسين ادب ۽ فن کي سولو ڪري، عام بنائڻ ۽ ساڳئي وقت انهن جي معيار بلند ڪرڻ وارا مسئلا صحيح نموني پروڙي سگهنداسين. تڏهن ئي اسين هڪ طرف اهو صحيح فيصلو ڪري سگهنداسين تہ ادب ۽ فن کي ڪهڙيءَ حد تائين سولو ڪري، عام بنائجي، ۽ ٻئي طرف اهو فيصلو ڪري سگهنداسين تہ انهن جو معيار ڪهڙيءَ حد تائين وڌائجي.

جي سڄيءَ ڳالھ جي ڇنڊڇاڻ ڪجي، تہ پوءِ سموري ادب ۽ فن جو سرچشمو ڪهڙو معلوم ٿيندو؟ اسين هن جهان ۽ هن زندگيءَ کي ڌار ڌار نظرن سان ڏسون ٿا، ۽ اهي اسان کي ڌار ڌار روپن ۾ نظر اچن ٿا. ادب ۽ فن جون تخليقون بہ انسانن جي جهان ۽ زندگيءَ تي وڌل نظرن ۽ انهن مان ڏنل روپن ۽ نظارن جو هڪڙو قسم آهن. ڪو سماج ۽ ان جي زندگي ماڻهوءَ جي ذهن ۽ دماغ تي جيڪي عڪس وجهن ٿا، تن مان انقلابي ادب ۽ فن پيدا ٿين ٿا. اديبن جي ذهنن تي عوام جي زندگيءَ جو جيڪو عڪس پوي ٿو، تنهن مان انقلابي ادب ۽ فن پيدا ٿين ٿا. عوام جي زندگي جڻ انهن قيمتي ڪچن ڌاتن جي کاڻ آهي، جن کي کوٽي ڇاٽي، صاف ڪري، ادبي ۽ فني سونارا ۽ وينجهر انهن مان ادب جا روپا ۽ سونا زيور ۽ فن جا هيرن جواهرن جا نوَ لکا هار گهڙين ۽ ٺاهين ٿا.

عوام جي زندگيءَ جي حقيقتن جو ڪچو ڌاتو قدرتي ۽ اڻ گهڙيل حالت ۾ هوندو آهي. پر اهو تمام مضبوط وزن دار، قيمتي ۽ اصل هوندو آهي. ان جي قدرتي ۽ اصلي سونهن جي ڀيٽ ۾ ادب ۽ فن جا سمورا هٿراڌا هار سينگار ڦڪا ۽ ٻسا آهن. عوام جي زندگي ادب ۽ فن جي لاءِ ڪڏهن بہ نہ کٽڻ وارو ۽ اڪيلو ئي اڪيلو سرچشمو آهي. ان کان سواءِ ادب ۽ فن جو ٻيو سرچشمو ناهي، اهو انهيءَ ڪري ادب ۽ فن جو اڪيلو سرچشمو آهي، جو ان کان سواءِ ٻيو ڪوبہ سرچشمو ٿي ئي نٿو سگهي. ڪي ماڻهو شايد پڇن تہ ڇا ڪتابن ۾ ادب ۽ فن جو ٻيو بہ سرچشمو ڪونهي؟ يعني، ڇا، پنهنجي ملڪ جي اڳوڻن اديبن، فنڪارن ۽ شاعرن توڙي ٻين ملڪن جي اديبن فنڪارن ۽ شاعرن جون تخليقون اڄڪلھ جي دور جي ادب ۽ فن جو سرچشمو ناهن؟ ڇا انهن جي وسيلي ۽ مدد سان نئون ادب ۽ فن پيدا نٿو ڪري سگهجي؟

حقيقت ۾ ماضيءَ جون ادبي ۽ فني تخليقون سرچشمو ناهن، بلڪ خود ڪنهن ٻئي سرچشمي مان ڦٽي نڪتل وهڪرا آهن. اهي اسان جي اڳوڻن اديبن ۽ فنڪارن ۽ ڌارين ملڪن جي اديبن ۽ فنڪارن ان ادبي ۽ فني ڪچي مال ۽ اڻ

گهڙيل ڏاتوءَ مان تخليق ڪيون هيون، جيڪو ڪجهو مال ۽ ڪجهو ڏاتو انهن ڪي پنهنجي زماني ۽ پنهنجي ملڪ جي ماڻهن جي زندگي مان مليو آهي. اسان ڪي گهرجي تہ پنهنجي انهيءَ ادبي ۽ فني ورثي جي سمورين عمدين شين ڪي هٿ ڪري وٺون، ۽ انهن مان خيال سان چونڊ ڪري، اهي شيون ڪڍي، پنهنجي ادبي خزاني سان گڏيون، جيڪي پڻ ڪارائتيون هجن.

جڏهن اسين پنهنجي زماني ۽ ملڪ جي ماڻهن جي زندگيءَ جي حقيقتن ڪي ڪچي، اڻ گهڙيل ڏاتوءَ طور ڪتب آڻي، منجهانئن ادبي ۽ فني تخليقون پيدا ڪريون تڏهن اسان ڪي گهرجي تہ پنهنجي ملڪ جي اڳوڻن اديبن ۽ فنڪارن، توڙي ڌارين ملڪن جي اديبن ۽ فنڪارن جي تخليقن مان خيال سان چونڊي ڪڍيل ادبي ۽ فني شهپارن ڪي پنهنجي لاءِ مثال طور ڪتب آڻيون. پنهنجي اڳين اديبن، فنڪارن ۽ ڌارين ملڪن جي اديبن ۽ فنڪارن جا اهڙا خبرداريءَ سان چونڊيل مثال اسان جي اڳيان موجود هوندا، تہ اسان جي ادبي ۽ فني تخليقن ۾ وڏو فرق پوندو. اهي ڪهريون ۽ اڻ گهڙيل نہ پر ڪاريگري سان ٺهيل ۽ نفيس ٿينديون، هينئين درجي ۽ معيار بدران اوچي ۽ مٿاهين درجي ۽ معيار جون ٿينديون، ۽ اسان جي ادبي ۽ فني تخليقن پيدا ڪرڻ جي رفتار سست هجڻ بدران تيز ٿيندي. تنهن ڪري اسان ڪي گهرجي تہ ڪنهن صورت ۾ بہ پنهنجي ملڪ جي اڳوڻن اديبن ۽ فنڪارن توڙي ڌارين ملڪن جي اديبن ۽ فنڪارن جو ڇڏيل ادبي ورثو صفا رد نہ ڪريون. نڪي وري ان مان سبق پرائڻ کان انڪار ڪريون. توڙي جو اهي وڏيرن، جاگيردارن، قبيلن جي سردارن يا وچين ملڪيت واري، سينئي ۽ سرمائيدار طبقن جون تخليقون هجن. پر، اڳئين ادبي ۽ فني ورثي مان چڱيون شيون خيال سان چونڊي، پنهنجي لاءِ مثال طور ڪتب آڻڻ جي اها هرگز معنىٰ نہ آهي تہ اسان جا انقلابي اديب ۽ فنڪار رڳو انهن پراڻين ۽ ڌارين شين تي ياڙي ويهي رهن، ۽ پنهنجون انقلابي تخليقون پيدا نہ ڪن. پنهنجي پراڻي توڙي ڌارئين ادبي ۽ فني ورثي ڪي سمجهہ سوچ بنان، اڳئين زماني يا ڌارئين ملڪ مان ٽپائي، هن ملڪ ۾، هن زماني ۾ آڻڻ، يا انهن جو اکيون پوري نقل ڪرڻ، غلط ڳالهہ ٿيندي. ادب ۽ فن جي ميدان ۾ انڌي پوجا جو اهو سڀ کان مردار ۽ نقصان ڪار طريقو آهي.

چين جي اپريل توڙي نون اپرنڌ انقلابي اديبن ۽ فنڪارن ڪي عوام جي وچ ۾ گهڙي وڃڻ کپي. بي حجابيءَ ۽ سچيءَ دل سان، ڊگهي عرصي تائين، ڪين

مزدورن، هارين ۽ انقلابي مجاهد سپاهين جي وچ ۾ رهڻ ڪپي، ڪين انهن جي انقلابي جدوجهد جي وٺ وٺان ۽ زور شور اندر ڪُپي وڃڻ ڪپي. اهڙيءَ طرح ڪين انقلابي ادب ۽ فن جي اڪيلي، وڏي ۾ وڏي ۽ قيمتي کان قيمتي، سرچشمي، يعني عوام جي حقيقي زندگيءَ، تائين رسي وڃڻ ڪپي. اتي وڃي، ڪين سيني مختلف قسمن جي ماڻهن، سيني طبقن، سڄي عوام، زندگيءَ ۽ جدوجهد جي سيني جيئرن جاڳندن طريقن، ڪي اکين سان ڏسڻ ۽ پروڙڻ، انهن جو تجربو پرائڻ گهرجي، ۽ سندن مطالعو ۽ ڇنڊڇاڻ ڪرڻ گهرجي. مطلب تہ جنهن ڪچي مال ۽ ڏاتوءَ مان انقلابي ادب يا فن گهڙجن ۽ نهن تا، ان سموري ڪچي مال ۽ ڪچي ڏاتوءَ کي ڏسجي وائسجي، پڙهجي پروڙجي، ان مان آزمودو پرائجي، ان جي ڇنڊڇاڻ ۽ پرک ڪجي. فقط تڏهن ئي انقلابي اديب ۽ فنڪار صحيح معنيٰ ۾ تخليقي ڪم ڏانهن قدم وڌائي سگهندا. نہ تہ اوهان وٽ ادبي ۽ فني گهڙت لاءِ ڪوبہ اصلي ڪچو مال نہ هوندو ۽ اوهان رڳو نالي جا اهڙا اديب ۽ فنڪار رهجي ويندا، جن لاءِ (چين جي عظيم انقلابي جمهوري اديب) لوهسون، پنهنجي وصيت ۾ پنهنجي پٽ کي خبردار ڪيو هو تہ "بابا! ڪڏهن بہ نالي جو، ڪوڙو اديب ۽ فنڪار نہ ٿجانءِ!".

جيتوڻيڪ فقط انسان جي سماجي زندگي ئي ادب ۽ فن جو اڪيلو سرچشمو آهي ۽ فن ۽ ادب جي ڀيٽ ۾ سماجي زندگيءَ ۾ سوين ڀيرا وڌيڪ دلچسپ، جاندار ۽ قيمتي ڪچو مواد ٿئي ٿو پر تہ بہ ماڻهو رڳو سڪٽيءَ زندگيءَ مان مطمئن نٿا ٿين. هو ان کان سواءِ ادب ۽ فن جي بہ گهر ڪن ٿا. ڇو؟ ڇو تہ جيتوڻيڪ زندگي توڙي ادب ۽ فن ٻئي حسين آهن، پر تڏهن بہ ادبي ۽ فني تخليقن ۾ زندگيءَ جون جيڪي تصويرون چٽيل هونديون آهن، سي روزمره جي سچيءَ پچيءَ زندگيءَ کان گهڻو وڌيڪ اعليٰ درجي جون، وڌيڪ زور واريون، وڌيڪ نچوڙيل، وڌيڪ مثالي هونديون آهن زندگيءَ جي سهٽي تصوير سان وڌيڪ مشابهت رکندڙ هونديون آهن. تنهن ڪري اهي حقيقي زندگيءَ جي ڀيٽ گهڻي کان گهڻي ماڻهن سان لاڳاپا رکنديون آهن ۽ ڪين دل سان لڳنديون آهن. تيئن بہ ائين ڪپي. انقلابي ادب ۽ فن کي گهرجي تہ حقيقي زندگيءَ مان هر قسم جا ڪردار تخليق ڪن، ۽ تاريخ کي اڳتي ڌڪڻ ۾ عوام جي مدد ڪن. مثال طور، هڪڙي پاسي ماڻهو بک، ٿڌ ۽ ظلم جو شڪار آهن، تہ ٻئي پاسي ماڻهو ماڻهوءَ کي پيو ڦري لٽي، پڙي ۽ ستائي. اهي حقيقتون جتي ڪٿي آهن ۽ ماڻهو انهن

ڪي عام رواجي ڳالهيون ڪري ٿا سمجهن. اديب ۽ فنڪار ان قسم جي روزمره جي لقائن کي نچوڙي، انهن جي وچ ۾ جيڪي ٽڪر ۽ ڪشمڪشون آهن، تن جا عام مثال وني، اهڙيون ادبي ۽ فني تخليقون پيش ڪن ٿا، جيڪي عوام کي بيدار ڪن ٿيون، منجهن جوش ۽ جذبي جي آگ پيدا ڪن ٿيون. ۽ کين مجبور ڪن ٿيون ته هو پاڻ ۾ ٻڌي ڪري، گڏيل جدوجهد هلائي، پنهنجي ماحول ۾ انقلاب آڻين. ان قسم جي ادب ۽ فن کان سواءِ جيڪر اهو انقلابي ڪم هرگز ٿي نه سگهي، يا گهٽ ۾ گهٽ، اهڙي سٺي ۽ ڪامياب نموني ۽ اهڙيءَ تيزي سان نه ٿئي، جهڙو ٿيڻ کپي.

ادبي ۽ فني تخليقن کي سولو ڪري ماڻهن ۾ عام ڪرڻ ۽ انهن جي معيار بلند ڪرڻ جي معنىٰ ڇا آهي؟ انهن ٻنهي ڪمن جو هڪٻئي سان ڪهڙو واسطو آهي؟ اهي هڪٻئي تي ڪهڙو اثر وجهن ٿا؟ ماڻهن ۾ عام ٿيڻ جهڙيون ادبي ۽ فني تخليقون، ٻين جي ڀيٽ ۾، وڌيڪ ساديون ۽ سوليون ٿين ٿيون. تنهنڪري اڄڪلهه جا عوام انهن کي جلد ۽ آسانيءَ سان قبول ڪن ٿا. جيئن ته اعلىٰ معيار جون تخليقون ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ نازڪ ۽ نفيس هونديون آهن، تنهن ڪري انهن کي پيدا ڪرڻ به وڌيڪ ڏکيو هوندو آهي. اڄڪلهه اهي عام طرح عوام ۾ سولائيءَ سان ۽ جلد مقبول نٿيون ٿين. مزدورن، هارين ۽ انقلابي قومي مجاهد سپاهين لاءِ مسئلو اهو آهي ته اڄ هو دشمن سان سخت ۽ خونريز مقابلي ۾ رڌل آهن. هو اڃا سوين سال وڏيرن، سردارن، ملڪيت وارن شاهوڪارن ۽ سرمائيدارن جي طبقن جي حڪومت هيٺ گرفتار رهيا آهن. تنهنڪري هو اڻ پڙهيل ۽ تعليم کان محروم آهن. انهيءَ ڪري هو نهايت بي چينيءَ سان اهڙي روشنيءَ، تعليم، ادب ۽ فن جي گهر ڪن ٿا، جي سندن هٿوڪين ٽڪڙين گهرجن آهر هجن، ۽ جن کي هو سولائيءَ سان هضم ڪري سگهن. هنن کي اهي شيون گهرجن، جيڪي انقلابي جدوجهد ۾ سندن جوش خروش وڌائين، سندن پنهنجي فتح ۾ يقين کي وڌيڪ پختو ڪن، سندن اتحاد ۽ ٻڌيءَ کي مضبوط ڪن ۽ کين يڪ دليو ۽ يڪ خيالو ٿي دشمن سان وڙهڻ ۾ مدد ڪن. ائين ڪٽي چئجي ته قهر جي تڏ ۾ کين چٽيل اجرڪون، سهٽيون پريل رليون ۽ ڪاريگريءَ سان اٽيل کيس کين گهرجن. کين ٿلهين ۽ مضبوط سوڙين ۽ چيرن جي گهرج آهي. تنهنڪري اجوڪيءَ حالت ۾ سڀ کان وڏي ضرورت اهڙين سولين سادين ادبي ۽ فني تخليقن جي آهي، جي عام ماڻهن کي آسانيءَ

سان سمجھ ۾ اچن، ۽ هو انهن کي هڪدم قبول ڪري، ڪتب آڻي سگھن. ادب ۽ فن کي سولو ڪري، مقبول عام بنائڻ جي ڪم جي اهميت گھٽائڻ يا ان کي نظرانداز ڪرڻ غلط ڳالھ آهي.

پر تڏهن به ادب ۽ فن کي هڪڙي پاسي سولو ڪري مقبول عام بنائڻ ۽ ٻئي پاسي ان جو معيار وڌائڻ - انهن ٻنهي ڪمن جي وچ ۾ ڪو مقرر ۽ پڪو پختو دنگ ۽ حد نشان ڪڍي نٿو سگھجي. هن وقت به نه رڳو ڪن اعلیٰ معيار جي ادبي ۽ فني تخليقن کي سولو ڪري مقبول عام بنائي سگھجي ٿو، پر عوام جو ثقافتي معيار به درجي بدرجي وڌي رهيو آهي. جيڪڏهن سوليون ۽ مقبول عام ادبي ۽ فني تخليقون هميشه لاءِ هڪ ئي معيار ۽ سطح تي رهنديون اچن؛ جيڪڏهن هر مهيني، هر سال ساڳئي قسم جون ادبي ۽ فني شيون ماڻهن کي ملنديون رهن؛ ته پوءِ ڇا ادب ۽ فن وسيلي تعليم ڏيڻ وارا توڙي تعليم حاصل ڪرڻ وارا "اهي لاٿون، اهي ئي چگھ" واري ڳالھ وانگر هميشه ساڳي حال ۾ نه هوندا؟ ادب ۽ فن کي اهڙي نموني سادو ڪري مقبول عام بنائڻ جو نتيجو ڪهڙو نڪرندو؟ عوام جي گھر آهي ته ادب ۽ فن کي سادو ڪري مقبول عام بنايو وڃي، ۽ ان ڪانسواءِ انهن جو معيار به بلند ڪيو وڃي. سندن مطالبو آهي ته مهيني سر مهيني ۽ سال بسال ادب ۽ فن جو معيار بلند ڪندو پيو وڃجي. يعني ادب ۽ فن کي سادو ڪري مقبول عام بنائڻ جو مطلب آهي ته انهن کي عوام لاءِ سولو ۽ مقبول بنايو وڃي، ۽ انهن جي معيار بلند ڪرڻ جو مطلب آهي ته انهن جو معيار عوام لاءِ بلند ڪيو وڃي. ادب ۽ فن جي معيار کي اوچي ڪرڻ جو اهو ڪم هوا ۾ يا بند ڪمري ۾ ڪونه ٿيندو، جڏهن اول ادب ۽ فن سولا ٿي، عام ماڻهن ۾ مقبول ٿين. معيار جي وڌڻ جو دارومدار سولائيءَ ۽ عام مقبوليت تي آهي، ۽ عام مقبوليت جي رهنمائي وري وڌندڙ معيار ڪري ٿو. چين ۾ ٿلهي ليکي انقلاب ۽ انقلابي ثقافت جو واڌارو هر هنڌ هڪجهڙو ۽ برابر ناهي. اهي ڏاڪي به ڏاڪي اڳتي وڌن ٿا. ڪن هنڌن تي ادب ۽ فن کي سولو ڪري مقبول عام بنائڻ جو ڪم ٿيو آهي ۽ ان سولائيءَ ۽ عام مقبوليت جي آڌار تي انهن جو معيار به بلند ٿيو آهي. پر ٻين هنڌن تي ۽ فن کي سولي ۽ مقبول عام بنائڻ جو ڪم اڃا تائين شروع ئي ڪونه ٿيو آهي. تنهنڪري هڪڙن هنڌن تي ادب ۽ فن کي سولو ۽ مقبول عام بنائڻ ۽ ان جي آڌار تي انهن جي معيار ۾ جيڪو واڌارو آندو ويو آهي، ان ڪم مان پرايل آزمودا ٻين علائقن ۾ ڪتب آڻي سگھجن ٿا.

انهن آزمودن منجهان اتي اول ادب ۽ فن کي سولو ۽ مقبول عام بنائڻ ۽ پوءِ سندن معيار وڌائڻ جي ڪمن ۾ رهبري حاصل ڪري سگهجي ٿي. اهڙيءَ طرح رستي جي ڪيترن ورن وڪڙن کان بچي سگهجي ٿو دنيا جي ٻين ملڪن ۾ حاصل ڪيل سنو تجربو، خاص ڪري سوويت روس جو تجربو اسان جي رهنمائي ڪري سگهي ٿو. تنهن ڪري اسان جي حساب ۾ ادب ۽ فن جي معيار بلند ڪرڻ جو مدار اول ادب ۽ فن کي سولي ۽ مقبول عام بنائڻ جي ڪم جي رهبري وري معيار بلند ڪرڻ سان ڪري سگهجي ٿي. اهو ئي سبب آهي، جو اسين جيڪا ادب ۽ فن کي سولي ۽ مقبول عام بنائڻ جي ڳالهه ڪريون ٿا، سا ادب ۽ فن جي معيار بلند ڪرڻ جي ڪم ۾ روڪ وجهڻ بجاءِ پاڻ ان لاءِ ميدان تيار ڪندي. اڄڪلهه اسان ادب ۽ فن کي اول سولو ۽ مقبول عام بنائي، پوءِ ان جي آڌار تي، ننڍي پيماني تي، ادب ۽ فن جو معيار بلند ڪرڻ جو ڪم پيا ڪريون. اهو ڪم اڳتي هلي اسان کي اڄ کان گهڻو وڌيڪ ۽ گهڻي وڏي پيماني تي ادب ۽ فن جي معيار بلند ڪرڻ جو ڪم ڏيندو، ۽ هينئر ان لاءِ گهربل حالتون پيدا پيو ڪري.

ادب ۽ فن جي معيار بلند ڪرڻ جو هڪڙو قسم سڌيءَ طرح عوام جي ضرورتن کي پورو ڪري ٿو. انهيءَ کان سواءِ ان جو هڪ اهڙو قسم بہ آهي جيڪو عوام جي ضرورتن کي اڻ سڌيءَ طرح پورو ڪري ٿو. يعني اهو قسم جنهن جي انقلابي ڪارڪنن کي ضرورت آهي. ڪارڪن عوام جا اڳتي وڌيل جزا آهن. عام طرح هو عوام جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ تعليم حاصل ڪيل هوندا آهن. انهن لاءِ وڌيڪ اوچي معيار جي ادب ۽ فن جو هجڻ اشد ضروري آهي. ان ضرورت کي نظرانداز ڪرڻ غلط ڳالهه ٿيندي. انقلابي ڪارڪنن لاءِ جيڪي ڪبو، سو سڀ عوام لاءِ ئي هوندو. ڇو تہ اسين انقلابي ڪارڪنن جي معرفت ئي عوام کي تعليم ڏيئي سگهون ٿا ۽ سندن رهبري ڪري سگهون ٿا. جيڪڏهن اسين ان مقصد جي خلاف ڪم ڪريون، جيڪڏهن اسين ڪارڪنن کي جيڪو ادب ۽ فن ڏيون، سو ڪين عوام جي تعليم ۽ رهبريءَ جي ڪم نہ اچي، تہ پوءِ اسان جو ادبي ۽ فني معيار وڌائڻ وارو ڪم جڙ اونداه ۾ ٺاقوڙا هڻڻ ٿيندو ۽ اسين عوام جي خدمت ڪرڻ واريءَ واٽ تان ٿڙي ويندا سين.

مطلب تہ انقلابي اديبن ۽ فنڪارن جي تخليقي محنت سان، عام ماڻهن جي زندگيءَ جي حقيقتن مان ملندڙ ڪچو مال ۽ ڪچو ڌاتو نهي جڙي، نظرياتي روپ وٺي، اهڙو ادب ۽ فن بنجي ٿو، جو عوام جي ڪم اچي ٿو. ان ادب ۽ فن ۾ اڳتي

وڌيل ادب ۽ فن پڻ اچي وڃي ٿو، جيڪو ادب ۽ فن جي شروعاتي هيٺئين ڏاڪي مان ترقي ڪري اڳتي پهتو آهي، جيڪو عوام جي انهن حلقن ڪي ڪم اچي ٿو جن جو معيار بلند ڪيو ويو آهي يا انهن ڪارڪنن ڪي گهربل آهي جيڪي عوام ۾ ڪم ڪن ٿا، ٻئي طرف ان ۾ اهو شروعاتي هيٺئين ڏاڪي جو ادب ۽ فن بہ شامل آهي، جنهن جي رهبري اڳتي وڌيل ادب ۽ فن ڪن ٿا ۽ جنهن جي اڄڪلهہ سڀ ڪان پهريائين عوام جي وڏيءَ اڪثريت کي ضرورت آهي. اسان جو سمورو ادب ۽ فن، چاهي اهو بلند پايي جو هجي يا شروعاتي ڏاڪي جو هجي، عوام جي لاءِ آهي، ۽ سڀ ڪان پهريائين مزدورن، هارين ۽ انقلابي قومي مجاهد سپاهين جي لاءِ آهي. اهو مزدورن، هارين ۽ انقلابي قومي مجاهد سپاهين جي لاءِ پيدا ۽ تيار ڪيو وڃي ٿو ۽ انهن جي ئي ڪم اچڻ لاءِ آهي.

فن ۽ ادب جي معيار بلند ڪرڻ جو ڪم ۽ ان ڪي سولو ڪري مقبول عام بنائڻ جو ڪم - انهن ٻنهي جي وچ ۾ ڪهڙو لاڳاپو آهي، تنهن مسئلي ڪي طي ڪرڻ ڪان پوءِ، اسين ادبي ۽ فني ماهرن ۽ ادب ۽ فن ڪي سولو ڪري مقبول عام بنائڻ وارن جي وچ ۾ جيڪو لاڳاپو آهي، تنهن جو مسئلو بہ طي ڪري سگهون ٿا اسان جا ادبي ۽ فني ماهر نہ رڳو انقلابي ڪارڪنن جي رهبري ڪرڻ لاءِ آهن، پر عوام جي رهبري ڪرڻ لاءِ بہ آهن. حقيقت ۾ سندن مکيہ ڪم عوام جي خدمت ڪرڻ ئي آهي. اسان جي ادبي ماهرن ڪي عوام جي لڪيل پٽ جي اخبارن، خبرنامن، انقلابي قومي فوج ۽ ٻهراڙين ۾ عام ماڻهن طرفان لڪيل رپورٽن تي ڌيان ڏيڻ کپي. اسان جي ڊرامن جي ماهرن ڪي کپي تہ هو انقلابي قومي فوج ۽ ٻهراڙين جي ننڍين ننڍين ڊرامان ڪنڌڙ ٽولين تي ڌيان ڏين. اسان جي راڳ جي ماهرن ڪي کپي تہ هو عوام جي لوڪ گيتن تي توجهہ ڏين. اسان جي نفيس فنن جي ماهرن ڪي کپي تہ هو عوام جي نفيس فن تي ڌيان ڏين. انهن سيني ماهر ساٿين ڪي کپي تہ هو انهن سيني ساٿين سان ويجهو لاڳاپو پيدا ڪن، جيڪي عوام ۾ ادب ۽ فن ڪي مقبول عام بنائڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن. هڪ طرف تہ انهن ڪي هنن ادب ۽ فن ڪي مقبول عام بنائڻ وارن جي مدد ۽ رهبري ڪرڻ کپي، ٻئي طرف خود ڪين (ماهرن ڪي) انهن ڪان سکڻ گهرجي ۽ انهن جي معرفت عوام مان ذهني غذا ۽ خوراڪ حاصل ڪري، پنهنجي ڪوٺ جي پورت ڪرڻ کپي، جيئن هو عوام ڪان ۽ زندگيءَ جي حقيقتن ڪان ڪٽجي الڳ ٿي، خيالي ڪاڪ محلن ۾، پوريا نہ وينا هجن، ۽ 'ٺلهو ڇڻو وڃي گهڻو' وانگر ڪوڪلا

نہ بنجي پون. اسان کي ادبي ۽ فني ماهرن جي عزت ڪرڻ کپي، چو تہ هو اسان جي مقصد لاءِ تمام گهڻا ڪارائتا آهن. پر اسان کي ڪين ٻڌائڻ کپي تہ ڪوبہ انقلابي اديب يا فنڪار جيستائين عوام سان گهرو لاڳاپو نٿو رکي، جيستائين هو سندن خيالن ۽ احساسن جو اظهار نٿو ڪري ۽ سندن وفادار ترجمان بنجي سندن خدمت نٿو ڪري، تيستائين هو ڪوبہ ڪارائتو ڪم نٿو ڪري سگهي. فقط عوام جي ترجماني ڪرڻ سان ئي هو ڪين تعليم ڏيئي سگهي ٿو، ۽ فقط سندن شاگرد بنجڻ سان ئي هو ڪين تعليم ڏيئي سگهي ٿو. جيڪڏهن هو پاڻ کي عوام جو آقا سمجهي ٿو، پاڻئي ٿو تہ "نواب بنجي هينئين تي حڪم هلايان"، تہ پوءِ هو پلي ڪيترو بہ ڪٽي قابل هجي، تہ عوام کي سندس ڪابہ ضرورت ناهي ۽ سندس ادبي ۽ فني قابليت جو ڪوبہ آئيندو نہ رهندو.

ڇا، اسان جو اهو رويو افاديت پسند يا فقط پنهنجي خسيس فائدي ڳولڻ وارو رويو آهي؟ اسين ماڻهو وهمن ۽ خيالن بدران نوس حقيقتن ۽ مادي جي اوليت کي سمجهندڙ ماڻهو آهيون. اسين حالت ۾ افاديت پسنديءَ يا فائدي ڳولڻ جا مخالف ناهيون. اسين رڳو وڏيرڪي، جاگيردار ۽ سردار طبقي، ملڪيت واري شاهوڪار طبقي ۽ ٿوري گهٽي ملڪيت واري ننڍي وچين طبقي جي افاديت پسنديءَ ۽ پنهنجي فائدي ڳولڻ واريءَ روش جي مخالفت ڪريون ٿا. هو زبان سان تہ فائدي ڳولڻ ۽ افاديت پسنديءَ جي مخالفت ڪن ٿا، پر عملي طرح حد درجي جي خود غرضيءَ ۽ تنگ نظريءَ واري افاديت پسندي ڏيکاريندا آهن. ساريءَ دنيا ۾ اهڙو ڪوبہ نظريو ڪونهي، جيڪو پنهنجي فائدي ڳولڻ ڪان بالاتر هجي. جيڪو سماج مختلف ۽ مخالف طبقن جو نهيل آهي، تنهن ۾ جيڪا بہ ڪنهن فائدي واري ڳالهہ هوندي، سا ڪنهن نہ ڪنهن طبقي جي فائدي جي ئي هوندي. اسين پورهيت طبقي جا عيوضي انقلابي افاديت پسند ۽ انقلابي فائدي جا ڳولائو آهيون. جيڪي عوام ملڪ جي ڪل آباديءَ جو نوي سيڪڙو آهن، تن جي هاڻوڪن ۽ آئيندي جي فائدن کي اسين هڪڙو يڪو مقصد سمجهون ٿا، ۽ هر ڳالهہ کي ان نظر سان ڏسون ٿا تہ انهيءَ ۾ عوام جو هاڻوڪو يا آئيندي جو فائدو آهي يا نہ. تنهنڪري اسين اهڙا افاديت پسند آهيون ۽ اهڙي قسم جا فائدي جا ڳولائو آهيون، جن جا مقصد تمام وسيع ۽ نهايت ڊگهي عرصي وارا آهن. اسين اهڙا تنگ نظر افاديت پسند ۽ فائدي جا ڳولائو نہ آهيون، جن کي فقط ننڍڙا ۽ تڪڙا فائدا گهرجن. مثال طور جيڪڏهن اوهان عوام کي افاديت پسنديءَ ۽ وقتي

فائدي ڳولڻ جا طعنا بہ ڏيو، ۽ ساڳئي وقت خود پنهنجي فائدي يا پنهنجي ننڍڙيءَ ٽوليءَ جي فائدي ۽ مطلب خاطر هڪ اهڙي ادبي ۽ فني تخليق زبردستيءَ بازار ۾ رکو ۽ عوام ۾ ان جي اشتهار بازي ڪريو، جيڪا فقط ٿورڙن ماڻهن جي پسند جي هجي ۽ اڪثريت لاءِ بيڪار بلڪ نقصان ڪار هجي، تہ اوهان نہ صرف عوام جي توهين ڪندا، بلڪ اها ڳالهہ بہ ثابت ڪندا تہ اوهان کي خود پنهنجي بہ خبر ناهي. ڪابہ شئي فقط تڏهن سٺي آهي، جڏهن اها عوام کي سچو پچو فائدو رسائي. ٿي سگهي ٿو تہ اوهان جي ادبي ۽ فني تخليق هڪ بي مثال شهپارو هجي. ٿي سگهي ٿو تہ اوهان وڏا شاهہ ڪاريگر ۽ پڪي راڳ جا ماهر هجو. پر جيڪڏهن اوهان جو راڳ في الحال رڳو ٿورڙن ماڻهن جي ڪم اچي سگهي ۽ عوام اجا "الوميان" ڳائي رهيا هجن، تہ پوءِ جيڪڏهن اوهان عوام جي معيار بلند ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ بدران فقط انهن کي گهٽ وڌ چئو، تہ انهيءَ مان ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيندو. هن وقت جي تقاضا اها آهي تہ فني شهپارن، استادي وارن پڪن راڳن ۽ عام "الوميان" جي وچ ۾ اتحاد ۽ ميلاپ پيدا ڪيو وڃي. يعني ادب ۽ فن جي معيار بلند ڪرڻ جي ڪم ۽ ادب ۽ فن کي سولو ڪري مقبول عام بنائڻ جي وچ ۾ اتحاد ۽ ميلاپ قائم ڪيو وڃي. ان قسم جي اتحاد کان سواءِ ڪنهن بہ قسم جا ادبي ۽ فني شهپارا انتهائي تنگ نظر افاديت پسندي واري ادب ۽ فن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ٿي نٿا سگهن. اوهان ڀلي ان فن کي "خالص ۽ عظيم فن" سڏيو، پر اهو رڳو اوهان جو ئي رکيل نالو هوندو ۽ اوهان تائين رهجي ويندو. عوام ان کي هرگز قبول نہ ڪندو.

بنيادي پاليسيءَ جي مسئلن کي حل ڪرڻ کان پوءِ ۽ مزدورن، هارين ۽ انقلابي قومي مجاهد سپاهين جي خدمت ڪرڻ ۽ انهن جي خدمت جي صحيح طريقن جي مسئلن کي حل ڪرڻ کان پوءِ، ٻيا مسئلا بہ حل ڪري سگهجن ٿا، جهڙوڪ "زندگيءَ جي اونداهي پاسي بابت لکيو وڃي يا روشن پاسي بابت"، ۽ "اتحاد ڪيئن قائم ڪجي"، وغيره. جيڪڏهن اسان ۾ هرڪو بنيادي پاليسيءَ تي متفق هجي، تہ پوءِ ادب ۽ فن جي ميدان ۾ ۽ سمورين ادبي ۽ فني سرگرمين ۾ اسان جي سمورن ڪارڪنن، سيني اسڪولن، اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن ۽ تنظيمن کي ان تي پابنديءَ سان عمل ڪرڻ گهرجي. ان پاليسيءَ کان انحرافي ٿئي، ان کي درست ڪرڻ کپي.

(3)

جيئن تہ اسان جو ادب ۽ فن عوام جي وڏيءَ خلق لاءِ آهي، تنهنڪري اسين هاڻي اڳتي وڌي، انقلابي پورهيت وطن دوست پارٽيءَ جي اندرين تعلقاتن جي هڪڙي مسئلي تي بحث ڪري سگهون ٿا. اهو مسئلو هي آهي تہ ”ادب ۽ فن جي ميدان ۾ هڪڙي پاسي پارٽيءَ جي ڪم ۽ ٻئي پاسي پارٽيءَ جي سموري انقلابي ڪم جي وچ ۾ ڪهڙو لاڳاپو هئڻ گهرجي؟“ ان ڪان سواءِ اسين پارٽيءَ جي ٻاهرين تعلقاتن جي هڪڙي مسئلي تي بہ بحث ڪري سگهون ٿا. اهو هي آهي تہ ”ادب ۽ فن جي ميدان ۾ هڪڙي پاسي پارٽيءَ جي ڪم ۽ ٻئي پاسي پارٽيءَ سان واسطو نہ رکندڙ ماڻهن جي ڪم جي وچ ۾ ڪهڙو لاڳاپو هئڻ گهرجي؟“ اهو آهي ”ادبي ۽ فني حلقن ۾ گڏيل محاذ جو مسئلو.“

اچو تہ پهرئين مسئلي تي غور ڪريون. اجوڪي دنيا جي سموري ثقافت، سڄو ادب ۽ فن هڪڙن يا ٻين خاص طبقن سان تعلق رکي ٿو ۽ ڪنهن خاص سياسي واٽ سان لاڳاپو رکندڙ آهي. حقيقت ۾، دنيا اندر، اهڙو ڪوبہ فن ڪونهي؛ جو رڳو فن هجي ۽ ٻيو ڪجھ بہ نہ. اهڙي فن جو دنيا ۾ ڪوبہ وجود ناهي. اهڙو ڪوبہ فن ڪونهي، جيڪو طبقن ڪان الڳ مٿاهون ۽ بي نياز هجي اهڙو ڪوبہ فن ڪونهي، جيڪو ڪنهن بہ سياست ڪان صفا خالي يا بي واسطيدار هجي. انقلابي پورهيت طبقي جو ادب ۽ فن سڄي انقلابي پورهيت طبقي جي سموري انقلابي مقصد جو هڪ جزو ٿئي ٿو. اسان چيو آهي تہ ادب ۽ فن سڄي انقلابي مشينري ۾ ”ڳراڙين ۽ پيچن“ وانگر هوندو آهي: تنهنڪري پارٽيءَ جو ادبي ۽ فني ڪم پارٽيءَ جي سڄي انقلابي ڪم اندر هڪ خاص ۽ پارٽيءَ طرفان مقرر ڪيل حيثيت رکي ٿو. ڪنهن خاص انقلابي دور ۾ انقلابي پارٽي، جيڪي انقلابي فرض مقرر ڪري ٿي انقلابي ادب ۽ فن انهن فرضن جي تابع هوندا آهن. ان انتظام جي مخالفت جو مطلب ٿيندو بہ چتائي پيدا ڪرڻ يعني ’ڏڙ ريڊيو تہ سسي ٻاڪري‘ يا ٽراٽسڪيءَ وانگر ”سياست انقلابي پورهيتن واري ۽ فن انقلاب دشمن، سينين. شاهوڪارن ۽ سرمائيدارن وارو“ اسين ادب ۽ فن جي اهميت تي ضرورت ڪان زياده زور ڏيڻ جي فائدي ۾ نہ آهيون. پر اسين ان جي اهميت کي گهٽ سمجهڻ جي فائدي ۾ ڪونہ آهيون. ادب ۽ فن سياست جي تابع آهن، پر هي پاڻ بہ موٽ ۾ سياست تي گهڻو اثر وجهن ٿا. انقلابي ادب ۽ فن

سچي انقلابي جدوجهد جو هڪ جزو هوندا آهن ۽ ان ۾ گراڙين ۽ پيچن جي حيثيت رکن ٿا. ۽ جيتوڻيڪ ٿي سگهي ٿو ته انقلابي جدوجهد جي ڪن ٻين وڏيڪ اهم حصن جي مقابلي ۾ اهي گهٽ اهميت رکندا هجن ۽ انهي جي پيٽ ۾ گهٽ ضروري هجن، ۽ ٿي سگهي ٿو ته ان جي حيثيت ٻئي درجي جي هجي، تڏهن به اهي سچي مشينريءَ ۾ اهڙين گراڙين ۽ اهڙن پيچن جي حيثيت رکن ٿا، جن کان سواءِ انقلابي جدوجهد جو ڪم هلي نٿو سگهي. ادب ۽ فن سچي انقلابي جدوجهد جو هڪ لازمي جزو آهن. جيڪڏهن اسان وٽ بنهه ڪوبه ادب ۽ فن نه هوندو، ته اسين انقلابي تحريڪ جاري رکي ڪين سگهنداسين، ۽ هرگز فتح حاصل ڪري ڪين سگهنداسين، ان ڳالهه کي نه سمجهڻ غلطي آهي. تنهن ڪان پوءِ جڏهن اسين اهو چئون ٿا ته ادب ۽ فن سياست جي تابع آهن. ته ان سياست مان اسان جو مطلب طبقاتي سياست، عوام جي سياست آهي، ۽ نه ڪي ڪن ٿورڙن نام نهاد سياسي مدبرن جي سياست. سياست چاهي انقلابي هجي يا انقلاب دشمن، هڪ طبقي جي خلاف ٻئي طبقي جي جدوجهد هوندي. ڪن ٿورن ماڻهن جي وٺ پڪڙ کي سياست سڏڻ غلط آهي. نظرياتي ۽ فني محاذن تي هلندڙ انقلابي جدوجهد کي سياسي محاذ تي هلندڙ انقلابي جدوجهد جي تابع هئڻ کپي. جو ته پورهيت طبقي ۽ عوام جي گهرجن جو نچوڙ فقط سياست وسيلي ئي ڪدي ظاهر ڪري سگهجي ٿو. انقلابي سياستدان يعني سياسي ماهر، جيڪي انقلابي سياست جي سائنس يا فن مان واقف آهن، سي لکين ڪروڙين سياستدانن يعني عوام جا اڳواڻ آهن. انهن جو فرض آهي ته ان "سياستدان عوام" جا خيال گڏ ڪن. انهن کي چنڊي چاڻي، منجهن نفاست پيدا ڪري، اهي موٽائي عوام کي ڏين، ته جيئن هو انهن کي قبول ڪري، ڪين عملي جامو پهرائين. تنهنڪري انقلابي سياستدان اهڙي قسم جا "نواب سياستدان" يا "نواب سياسي مدبر" ڪونهن، جيڪي بند ڪمرن ۾ ويهي ڪم ڪن ٿا، ۽ ان خوش فهميءَ ۾ مبتلا هوندا آهن ته "عقل ۽ سمجهه جا ٺيڪيدار اسين ئي آهيون!" انقلابي پورهيت سياستدانن ۽ وڏيرن سياست بازن ۽ سرمائيدار سياست بازن جي وچ ۾ اصولي فرق اهو ئي آهي، جو اسان جي ادبي ۽ فني سچائيءَ جي وچ ۾ مڪمل اتحاد قائم ٿي سگهي ٿو. يعني اهي انقلابي تخليقون ۽ انقلابي سياست جي حمايت به ڪن ٿيون ۽ منجهن فني سچائي به آهي. ان ڳالهه کي نه سمجهڻ ۽ انقلابي پورهيت طبقي جي سياست ۽ ان جي سياستدانن جي بي قدري ڪرڻ غلط ڳالهه آهي.

هاڻي اچو تہ ادبي ۽ فني حلقن ۾ گڏيل محاذ جي مسئلي جو جائزو وٺون. جيئن تہ ادب ۽ فن سياست جي تابع آهن ۽ جيئن تہ اڄ چيني سياست جو بنيادي مسئلو جپان جو مقابلو ڪرڻ آهي، تنهن ڪري اسان جي انقلابي پورهيت وطن دوست پارٽيءَ جي اديبن ۽ فنڪارن کي کپي تہ اهي سڀ کان پهريائين تہ جپان جي مقابلي ڪرڻ جي مسئلي تي انهن سڀني اديبن ۽ فنڪارن سان اتحاد ڪن، جيڪي اسان جي انقلابي پورهيت وطن دوست پارٽيءَ ۾ شامل نہ آهن (يعني پارٽيءَ سان همدردي رکندڙ ننڍي وچين طبقي جي اديبن ۽ فنڪارن کان وٺي جپان جي مخالفت ڪندڙ سڀني شاهوڪار، سرمائيدار ۽ زميندار، جاگيردار ۽ سردار طبقن جي اديبن ۽ فنڪارن تائين). ٻيو تہ اسان کي کپي تہ اسين جمهوريت جي مسئلي تي انهن سان اتحاد ڪريون.

جپان دشمن اديبن ۽ فنڪارن جو هڪ حصو ان مسئلي تي اسان سان متفق ناهي. تنهن ڪري ان سلسلي ۾ اتحاد جو دائرو لازمي طرح ڪنهن حد تائين محدود هوندو، ٽيون تہ اسان کي کپي تہ ادبي ۽ فني دنيا جي خاص مسئلن، يعني ادب ۽ فن جي ڍنگ ۽ انداز جي مسئلن تي ساڻن اتحاد ڪريون. جيئن تہ اسين سوشلسٽ حقيقت پسنديءَ جا حامي آهيون، ۽ ڪي ماڻهو ان سان اتفاق نٿا ڪن، تنهن ڪري ان سلسلي ۾ اتحاد جو دائرو اڃا بہ وڌيڪ تنگ ٿيندو. اهڙيءَ ريت انهن سان هڪ نقطي تي اتحاد آهي. پر ٻئي مسئلي تي بہ مخالف جدوجهد ۽ تنقيد آهي. هي مسئلا جدا جدا هجڻ سان گڏوگڏ هڪ ٻئي سان تعلق بہ رکن ٿا، تنهن ڪري خود جيڪي مسئلا اتحاد جي صورت ۾ پيدا ڪن ٿا. مثلاً جپان سان مقابلي جو مسئلو، تن تي بہ اتحاد سان گڏوگڏ مخالف جدوجهد ۽ تنقيد ٿئي ٿي. گڏيل محاذ ۾ ”مخالف جدوجهد کان سواءِ اتحاد“ ۽ ”اتحاد کان سواءِ مخالف جدوجهد“ ٻيئي پاليسيون غلط آهن. اڳي ڪي ساٿي اتحادين اڳيان هٿيار ڦٽا ڪري انهن جو پڇ تي لٽڪڻ واري اجائيءَ نرم پاليسي تي هلندا رهيا آهن. تہ ڪي وري سڄيءَ دنيا کان الڳ ٽولي ناهي ويهڻ ۽ ٽولي بازيءَ واري اجائيءَ گرم پاليسيءَ تي هلندا رهندا آهن. اهي ٻيئي ڳالهيون غلط آهن. توڙي اهي سياست جي ميدان ۾ ڪجن يا ادب ۽ فن جي ميدان ۾.

ننڍي وچين طبقي جا اديب ۽ فنڪار چين جي ادبي ۽ فني حلقن ۾ گڏيل محاذ جي قوتن ۾ هڪ اهم قوت آهن. سندن سوچ توڙي سندن تخليقن ۾ تمام

گھٽيون خاميون آهن، پر ڏٺو وڃي ته ته هو ٻين جي پيٺ ۾ انقلاب ڏانهن وڌيڪ لاڙو رکن ٿا ۽ پورهيت عوام جي ويجهو آهن.

تنهن ڪري اهو فرض خاص طرح اهم آهي ته ڪين پنهنجي ڪوتاهين ختم ڪرڻ ۾ مدد ڪئي وڃي ۽ ڪين عوام جي خدمت ڪندڙ ادبي ۽ فني گڏيل محاذ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ پنهنجي پاسي ڪري وٺجي.

(4)

## ادبي ۽ فني تنقيد:

ادب ۽ فن جي دنيا ۾ جدوجهد جو هڪڙو اهم طريقو آهي، ان کي ترقي ڏيڻ کپي. ڪن ساٿين سچ چيو آهي ته ان باري ۾ اسان هيستائين جيڪو ڪم ڪيو آهي، سو بلڪل اڻ پورو آهي. ادبي ۽ فني تنقيد هڪ پيچيده سوال آهي، ۽ ان لاءِ تمام گهڻو ۽ خاص مطالعو گهربل آهي. هن وقت آءٌ گهڻو ڌيان رڳو ان بنيادي مسئلي تي ڏيندس ته تنقيد جون ڪسوٽيون ڪهڙيون آهن. انهيءَ سان گڏ ڪن ساٿين ڪن خاص مسئلن بابت جيڪي سوال اٿاريا آهن، آءٌ انهن تي ۽ ڪن غلط خيالن تي ٻه، مختصر تبصرو ڪندس.

ادبي ۽ فني تنقيد جون ٻه ڪسوٽيون آهن:

هڪڙي سياسي ۽ ٻي فني. سياسي ڪسوٽيءَ موجب هر اها شيءِ يا تخليق، جيڪا قومي اتحاد ۽ جپان جي مقابلي لاءِ مددگار ثئي ٿي ۽ عوام جو حوصلو وڌائي ٿي. ته جيئن هو يڪ دليا ۽ يڪ خيالا ٿي وڃن، ۽ هر اها شيءِ تخليق، جيڪا پوئتي پوڻ جي مخالفت ڪري ٿي ۽ ترقيءَ ڏانهن وڌائي ٿي، سا ڪري ۽ سٺي آهي. ٻئي طرف هر اها شئي، جيڪا قومي اتحاد ۽ جپان جي مقابلي لاءِ نقصان ڪار آهي، جا عوام ۾ نااتفاقي ۽ ڦوٽ پيدا ڪري ٿي، ۽ جا ترقيءَ جي مخالفت ڪري ٿي ۽ عوام کي پوئتي گهلي ٿي، سا کوٽي ۽ خراب آهي، پلا اهو ڪيئن فيصلو ڪجي ته فلاڻي ادبي يا فني شئي يا تخليق سٺي آهي ۽ فلاڻي خراب؟ اهو فيصلو اديب ۽ فنڪار جي نيت ۽ ارادي کي ڏسي ڪجي، يا سندس تخليق جيڪو عوام تي اثر پيدا ڪري ٿي، تنهن کي ڏسجي؟ خيال پرستن *[جيڪي ماڻهو سمجهن ٿا ته سچيءَ دنيا جو چرخو خيالن جي زور تي هلي ٿو، انهن کي خيال پرست چئبو آهي. ر. ب. پ.]* جو زور آهي ته اديبن ۽ فنڪارن جي نيت کي ڏسجي. سندن ادب

۽ فن جي اثر کي ڇڏي ڏجي. ٻيا وري مشيني مادي پرست آهن [جيڪي ماڻهو هن دنيا کي خيالي نه پر حقيقي سمجهن ٿا ۽ ان کي سمجهن لاءِ خيالي لغڙ اڏائڻ بدران ان جي ٺوس مادي حقيقت کي پروڙين ٿا ۽ ٿلهي ليکي مادي کي بنيادي شئي ۽ خيالن کي ان مان پيدا ٿيل ۽ ان جو اولڙو سمجهن ٿا، انهن کي، مادي کي خيال تي فوقيت ڏيندڙ يا Materialist سڏبو آهي. انهن ۾ ڪي وري اهڙا لڪير جا فقير آهن، جي چون ٿا ته نه رڳو مادي کي خيال تي فوقيت آهي، پر مادو ئي سڀ ڪجهه آهي. خيال جي ڪابه اهميت ڪانهي. خود خيال به موٽ ۾ مادي مان نهيل حقيقتن تي جوابي اثر وجهي ٿو، سا ڳالهه هو نٿا مڃين. مادي جي انڌي پوڄا ڪندڙ ۽ انساني خيال کي ڪابه اهميت نه ڏيندڙ ماڻهن کي Mechanical Materialist يا "مادي کي فقط مشين وانگر بي جان ۽ بي شعور حالت ۾ خيال تي فوقيت ڏيندڙ ماڻهو" يا "مادي جي خيال تي فوقيت واري سائنسي اصول تي مشين وانگر بنا سوچ سمجهه جي عمل ڪندڙ ماڻهو" سڏبو آهي. ر. ب. پ.] اُهي مادي جي خيالن تي فوقيت واريءَ ڳالهه تي بي سمجهيءَ سان ۽ مشين وانگر اعتبار رکندڙ ماڻهو وري چون ٿا ته اصل ڳالهه آهي اثر: نيت کي ڇا ڪبو. اسين جدلي ماديت [جيڪي ماڻهو مادي کي خيال تي فوقيت ڏيڻ ۽ خيال کي مادي جو پيدا ڪيل ۽ ان جو اولڙو ۽ عڪس سمجهڻ سان گڏوگڏ اهو به سمجهن ٿا ته خيال مادي جي اعليٰ ترين ترقيءَ جي پيدائش آهي، ۽ اهو نه رڳو مادي جي اثر هيٺ آهي، پر خود موٽ ۾ مادي دنيا تي اثر وجهي ٿو ۽ ان کي بدلائي ٿو. يعني مادي مان خيال پيدا ٿيڻ کان پوءِ ٻيئي هڪ ٻئي تي اثر وجهي، هڪ ٻئي کي بدلائين ٿا ـ اهڙن ماڻهن کي "مادي کي خيال تي صحيح نموني ۽ صحيح حد اندر فوقيت ڏيندڙ ۽ ٻنهي جي هڪ ٻئي سان لاڳاپي ۽ هڪ ٻئي تي اثر وجهڻ واريءَ حقيقت کي صحيح سائنسي يعني جدلي نموني سمجهندڙ ماڻهو" يا "جدلي ماديت جا مڃيندڙ يا Dialectical Materialist سڏبو آهي. ر. ب. پ.] جي سائنسي اصول کي سمجهندڙ ماڻهو آهيون، ۽ مٿين ٻنهي قسمن جي ماڻهن جي ابتڙ، انهيءَ ڳالهه تي زور ٿا ڏيون ته اديب ۽ فنڪار جي ذاتي نيت توڙي سندن ادب ۽ فن ماڻهن تي جيڪو اثر پيدا ڪن ٿا، تن کي ملي هڪ ٿيڻ کپي. اديب ۽ فنڪار جي نيت عوام جي خدمت ڪرڻ واري هجي ۽ سندن ادب ۽ فن عوام کي پسند به اچي، اهي ٻيئي ڳالهيون پاڻ ۾ اهڙيءَ طرح ڳنڍيل آهن، جو ٻنهي کي ڌار ڪري ئي نه ٿو سگهجي. انهن ٻنهي ڳالهين کي ملي هڪ ٿيڻو آهي. ڪنهن ماڻهو يا ٽوليءَ جي رڳو عوام جي

خدمت ڪرڻ جي نيت جو ڪهڙو فائدو؟ ڪنهن اديب يا فنڪار جو مقصد صحيح ۽ سنو آهي يا نہ، ان ڳالهه معلوم ڪرڻ لاءِ اسين ان اديب يا فنڪار جي اعلانن کي نٿا ڏسون، پر اهو ڏسون ٿا تہ سماج تي سندس عملن (يعني سندس عملي تخليقن) جو اثر ڪهڙو ٿو پوي. ذاتي نيت يا مقصد جي اندازي لڳائڻ لاءِ صحيح ڪسوٽي آهي، سماجي عمل ۽ ان جو نتيجو.

اسان پنهنجي ادبي ۽ فني تنقيد ۾ پاسخاطريءَ ۽ ٽوليبازيءَ کي پسند نٿا ڪريون، ۽ اسان کي کپي تہ جيڪي بہ ادبي ۽ فني تخليقون اسان کي جپان جي گڏجي مقابلي ڪرڻ ۾ مدد ڏين، تن سمورين کي برداشت ڪريون، پوءِ ڀلي ڪٿي انهن ۾ ڪهڙي بہ قسم جا مختلف سياسي رويا ڇو نہ ظاهر ڪيا وڃن. پر ان سان گڏوگڏ اسان کي پنهنجي تنقيد جي اصول جي بہ سختيءَ سان پابندي ڪرڻ کپي، ۽ انهن سڀن ادبي ۽ فني تخليقن تي سخت تنقيد ڪرڻ گهرجي ۽ انهن جي ترديد ڪرڻ کپي، جن ۾ قوم، سائنس، عوام ۽ انقلابي پورهيت وطن دوست پارٽيءَ جي خلاف خيالن جو اظهار ڪيو ويو هجي، ڇاڪاڻ تہ اهڙين نام نهاد ادبي ۽ فني تخليقن جو مقصد ئي اهو هوندو آهي تہ جپان جي مقابلي لاءِ قائم ٿيل اتحاد کي نقصان پهچايو وڃي، ۽ انهن جو اثر بہ اهو ئي ٿيندو آهي. فني ڪسوٽيءَ جي خيال کان جن ادبي ۽ فني تخليقن جو فني معيار اوچو آهي، سي سيئي تخليقون سٺيون آهن، ۽ جن جو فني معيار اوچو نہ آهي، سي خراب آهن يا گهٽ ۾ گهٽ ٻين کان خراب آهن ــ انهيءَ ڳالهه ۾ بہ سماجي اثر کي خيال ۾ رکڻ گهرجي. اهڙو اديب يا فنڪار ڪو مشڪل هوندو، جيڪو پنهنجي تخليقن کي سهڻو نہ سمجهي. اسان کي تنقيد ڪندي، هر قسم جي فني تخليقن جي پاڻ ۾ آزاد چٽاڀيٽيءَ جي اجازت ڏيڻ گهرجي، پر اهو پڻ تمام ضروري آهي تہ انهن تخليقن تي سونهن جي علم (جمالياتي علم) جي ڪسوٽيءَ موجب صحيح تنقيد ڪئي وڃي، تہ جيئن گهٽ درجي جو فن آهستي آهستي وڌي مٿئين درجي تائين پهچي سگهي؛ ۽ جيڪو فن وسيع عوام جي جدوجهد جون تقاضائون پوريون نٿو ڪري، اهو بدلجندڙ اهڙو فن بنجي سگهي، جيڪو اهي تقاضائون پوريون ڪري سگهي.

هڪڙي سياسي ڪسوٽي آهي ۽ ٻي فني. انهن ٻنهي جو پاڻ ۾ ڪهڙو لاڳاپو آهي؟ سياست ۽ فن کي هڪٻئي جهڙو نٿو ليکي سگهجي، ۽ نہ ئي عام عالمي نقطي نظر کي فني تخليق ۽ فني تنقيد جو ڍنگ ليکي سگهجي ٿو. اسان

ان ڳالهه کي تسليم نٿا ڪريون تہ ڪو اهڙو بہ خيالي سياسي معيار آهي، جو سدائين ساڳيو رهي سگهي ٿو. اسين اهو بہ نٿا مڃون تہ ڪو فني معيار اهڙو بہ ٿي سگهي ٿو، جو قطعي خيالي هجي ۽ سدائين ساڳيو رهي سگهي. جنهن بہ سماج ۾ ڌار ڌار ۽ مخالف طبقا هوندا آهن، تنهن ۾ هر هڪ طبقو پنهنجو الڳ فني ۽ سياسي معيار رکي ٿو. مگر اهڙن سڀني طبقاتي سماجن ۾ سڀئي طبقا هميشه سياسي ڪسوٽيءَ کي پهريون ۽ فني معيار کي پويون درجو ڏيندا آهن. ملڪيت وارو، شاهوڪار ۽ سرمائيدار پورهيت طبقي جي ادبي ۽ فني تخليقن کي ڪڏهن بہ برداشت نہ ڪندو آهي چاهي اهي فني خيال کان ڪيتريون بہ چڱيون ڇو نہ هجن. پورهيت کي بہ قديم زماني جي ادبي ۽ فني تخليقن ۾ اهڙيءَ طرح فرق ڪرڻ کپي. انهن پراڻين تخليقن کي قبول ڪرڻ ۽ اهميت ڏيڻ کان اڳ ڪيس ڪپي تہ اهو جاچي ڏسي تہ انهن تخليقن ۾ عوام ڏانهن ڪهڙو رويو ورتل آهي ۽ تاريخي لحاظ کان منجهن ڪا اڳتي وڌڻ جي ڳالهه آهي يا نہ. يا اهي پنهنجي زماني ۽ حالتن جي لحاظ کان پنهنجي وقت جي ترقي پسند قوتن جي پاسي هيون يا مردار ۽ پوئتي گهليندڙ قوتن جي پاسي، ٿي سگهي ٿو تہ ڪي ادبي ۽ فني تخليقون سياسي لحاظ کان بلڪل رجعت پسند هجن ۽ پوءِ بہ انهن ۾ ڪا نہ ڪا فني خوبي بہ هجي. جيڪڏهن ڪنهن تخليق جو مقصد رجعت پسند ۽ مردار آهي ۽ ان جو فني معيار اوچو آهي، تہ پوءِ سندس مقصد ۽ مطلب جيترو رجعت پسند ۽ مردار هوندو ۽ سندس معيار جيترو اوچو ۽ اعليٰ هوندو، اوتري ئي اها تخليق عوام لاءِ زياده نقصانڪار ۽ موتمار هوندي. ان کي رد ڪرڻ ۽ ٺڏي ڇڏڻ اوتروئي گهڻو ضروري آهي. سمورا ڦرلٽ ڪندڙ طبقا جڏهن زوال واري دور ۾ ايندا آهن، تڏهن سندن ادب ۽ فن هڪ خاصيت اختيار ڪندو آهي اها هيءَ تہ انهن جو سياسي مطلب ۽ مقصد رجعت پسند هوندو آهي ۽ سندن فني صورت ۽ سوڀيا اعليٰ قسم جي هوندي آهي. اسان جو مطالبو آهي تہ سياست ۽ فن جي وچ ۾ اتحاد هئڻ کپي. ادب ۽ فن جي سياسي سيرت ۽ فني صورت جي وچ ۾ اتحاد هجڻ گهرجي. انقلابي سياسي مطلب ۽ مقصد ۽ اعليٰ درجي جي فني خوبصورتيءَ جي وچ ۾ اتحاد هئڻ کپي. اهڙيون فني تخليقون، جن ۾ فني خوبيءَ جي گهڻتائي هجي، سي ڪابہ قوت، ڪوبہ اثر نٿيون رکن، پوءِ ڀلي ڪٽي سياسي خيال کان اهي ڪيتريون بہ ترقي پسند ڇو نہ هجن. تنهنڪري اسين غلط سياسي نقطي نگاهہ واري فني تخليق پيش ڪرڻ جي لاڙي جي بہ مخالفت ڪريون ٿا، تہ

ساڳئي وقت اهڙي نلهي ”پوسٽر بازيءَ ۽ نعريبازيءَ“ واري ادبي ۽ فني لاڙي جي بہ مخالفت ڪريون ٿا، جيڪو سياسي نقطي نگاهہ کان ڪٽي صحيح هجي پر فني قوت ۽ اثر کان خالي هجي. ادب جي هن مسئلي ۾، اسان کي ادب ۽ فن کي سٺي سياسي سيرت توڙي وڻندڙ فني صورت ڏيارڻ لاءِ سياسي توڙي فني ٻنهي محاذن تي ساڳئي وقت جدوجهد جاري رکڻ کپي.

ادب ۽ فن جي سياسي پاليسيءَ کي نظرانداز ڪرڻ جو لاڙو آهي. ان ڪري اهو ضروري آهي تہ فني معيار وڌائڻ ڏانهن توجهہ ڏنو وڃي. پر ڏسجي ٿو تہ اڄڪلهہ ان کان بہ وڌيڪ سنگين مسئلو سياسي پهلوءَ جي نظرانداز ٿيڻ جو آهي. ڪن ساٿين ۾ سياسي علم جي کوٽ بہ آهي، ان ڪري هو هر قسم جا منجهيل خيال رکن ٿا. اچو تہ اوهان کي هن شهر يينان، يعني انقلاب جي هاٽوڪي عارضيءَ گاديءَ، جي ڪن ساٿين جي سوچ جا ڪي مثال ٻڌايان.

مثال طور ”انساني فطرت جي نظريي“ کي وٺو. ڇا انساني فطرت نالي ڪا شيءِ ٿيندي آهي؟ بلاشڪ آهي. پر انساني فطرت ٺوس صورت ۾ هوندي آهي. ان جي ڪا اڳواٽ مقرر ٿيل خاص صورت ناهي. ڌار ڌار ۽ مختلف طبقن واري سماج ۾ هر ڪنهن طبقي جي پنهنجي الڳ ”انساني فطرت“ هوندي آهي. طبقن کان مٿي، الڳ يا انهن کان بي نياز ڪابہ انساني فطرت ناهي. اسين پورهيت طبقي ۽ عوام جي فائدي ۽ ڪم واريءَ انساني فطرت جا علمبردار آهيون. وڏيرڪو، جاگيردار ۽ سردار طبقو، شاهوڪار ۽ سرمائيدار طبقو وري پنهنجي پنهنجي طبقي جي طبيعت، فائدي ۽ ڪم واريءَ ”انساني فطرت“ جي فائدي ۾ هوندو آهي. انهن ۾ ۽ اسان ۾ فرق رڳو هي آهي تہ هو اها ڳالهہ چون نٿا بلڪ لڪائي ڇڏين ٿا. ۽ ظاهر ائين ٿا ڪن ڄڻ تہ دنيا ۾ فقط سندن طبقن جي مطلب واري فطرت ئي ”انساني فطرت“ ٿيندي آهي. هوڏانهن وري ننڍي وچين طبقي، يعني ننڍي شهري يا ٻهراڙيءَ جي ٿوريءَ گهڻيءَ ملڪيت واري طبقي جا ڪي پڙهيل ڳڙهيل جنهن ”انساني فطرت“ بابت ڍڳهيون خبرون ڪندا آهن، سا بہ ڪا عوام واري 'انساني فطرت' ڪانہ هوندي آهي. ان ”انساني فطرت“ جو عوام سان ڪو تعلق ناهي. ابتلو اها عوام جي نقصان واري ”انساني فطرت“ هوندي آهي. جنهن کي هو ”انساني فطرت“ سڏين ٿا، اها حقيقت ۾ وچين طبقي يعني شهري، ملڪيت واري، شاهوڪار ۽ سرمائيدار طبقي جي فطرت هوندي آهي، يعني ان طبقي جي فطرت جيڪو رڳو پنهنجيءَ ڳالهہ تي عاشق آهي. تنهنڪري انهن جي

نظر ۾ انقلابي پورهيتن جي ”انساني فطرت“ انساني فطرت جي خلاف آهي. يينان ۾ ڪي ماڻهو جيڪي اهڙي قسم جي ”انساني فطرت“ جي نظريي جي آڌار تي پنهنجي نام نهاد ادب ۽ فن جي نظريي جو پرچار ڪن ٿا، تن جو دلي مقصد به ساڳيو اهو آهي، ۽ اهو سراسر غلط آهي.

ڪي ساٿي چوندا آهن ته ”ادب ۽ فن جو سڀ کان پهريون نقطو آهي ’انسان ذات سان محبت‘“. خير، محبت برابر ادب ۽ فن جو نقطو آهي پر ٻيو ان کان به پهريون ۽ وڏيڪ بنيادي نڪتو آهي. محبت هڪ خيال ۽ تصور آهي ۽ حقيقي زندگيءَ ۽ ان جي عمل جي پيداوار آهي. بنيادي طور زندگيءَ ۾ مکيه ڳالهه خيال ۽ ويچار ناهي، پر حقيقي عمل آهي. اسان جا اديب ۽ فنڪار جيڪي پڙهيل ڳڙهيل طبقي دان پيدا ٿيا آهن، سي انقلابي پورهيت طبقي سان محبت ڪن ٿا، چو ته سماج جي حقيقي ۽ عملي صورتحال منجهن اهو احساس پيدا ڪيو آهي ته سندن تقدير به انقلابي پورهيت طبقي جي تقدير سان ڳنڍيل آهي. اسين جپاني سامراج کان نفرت ٿا ڪريون، چو ته هو سچ پچ اسان تي ظلم ۽ ستم ٿا ڪن. دنيا ۾ ڪنهن نه ڪنهن سبب، ڪنهن نه ڪنهن بنياد کان سواءِ محبت يا نفرت ٿي سگهي ئي نٿي. باقي رهي ڳالهه ”سموريءَ انسان ذات سان محبت ڪرڻ“ واري، سو جڏهن کان انسان ذات ڌار ڌار ۽ مخالف طبقن ۾ ورهائجي ويئي آهي، تڏهن کان اهڙي ”سڀني لاءِ محبت،“ عملي صورت ۾. ڪڏهن به نه ڪا هئي ۽ نه آهي، ۽ ان صورت ۾ نڪا ڪائي ٿي سگهي ٿي. اڳي سمورا حاڪم طبقا ان قسم جي ”سڀني سان محبت“ جي ڳالهين ڪرڻ جا تمام گهڻو شوقين هوندا هئا. گهڻا نام نهاد داناءَ ۽ ڏاها به انهيءَ جا واعظ ڪندا هئا، پر حقيقت ۾ ان تي عمل ڪنهن به ڪونه ڪيو. چو ته ڌار ڌار ۽ مخالف طبقن واري سماج ۾ اها ڳالهه اڻ ٿيڻي آهي. جڏهن ساريءَ دنيا ۾ طبقن جو خاتمو ٿيندو، ظلم ۽ ظالم ختم ٿيندا، تڏهن برابر سموريءَ انسان ذات سان حقيقي معنيٰ ۾ محبت ٿيندي. ڌار ڌار ۽ مخالف طبقن سماج کي هٽي ڪيترن ئي مخالف ۽ دشمن ٽولن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي. جڏهن طبقا ختم ٿي ويندا، تڏهن سڄيءَ انسان ذات سان محبت ٿيندي. پر هينئر نه. اسين عوام جي دشمنن سان محبت نٿا ڪري سگهون. اسين سماجي خرابين سان محبت نٿا ڪري سگهون. اسان جو مقصد انهن کي نيست و نابود ڪرڻ آهي. اها سنئين سڌي ڳالهه پڌري پٽ پيئي آهي. ڇا، اسان جي ڪن اديبن ۽ فنڪارن کي اجان تائين اهڙي سولي ڳالهه به سمجهه ۾ نٿي اچي!

ٻيا چون ٿا تہ ”ادبي ۽ فني تخليقن ۾ هميشه زندگيءَ جي سٺي توڙي خراب پاسي تي هڪجيترو زور ڏبو آهي.“ يعني ٻنهي تي اڌو اڌ زور. ان ڳالهہ ۾ ڪيترائي منجهيل خيال پيل آهن. اهو صحيح ناهي تہ ادبي ۽ فني تخليقن ۾ هميشه زندگيءَ جي سٺي يا بري پاسي تي هڪجيترو زور ڏنو ويندو آهي. ننڍي وچين طبقي جي ڪيترن اديبن ڪي زندگيءَ جي سٺي پاسي جي ڪڏهن خبر ئي نہ پيئي آهي. انهن جي تخليقن ۾ رڳو اونداهي پاسي ڪي بي نقاب ڪيو ويندو آهي ۽ ان ڪي ”بي نقاب ڪرڻ وارو ادب“ چيو ويندو آهي. انهن جون ڪي تخليقون تہ جڻ خاص ڪري ماڻهن کي دنيا کان بيزار بنائڻ لاءِ وقف ڪيل هونديون آهن. ٻئي پاسي روس ۾ انقلاب اچڻ کان پوءِ جيڪو سوشلسٽ سماج پيو اڏجي، تنهن اڏاوت جي دور ۾ سوويت روس جو ادب گهڻو ڪري زندگيءَ جي سٺي پاسي تي گهڻي روشني وجهي ٿو. ائين تہ اهو ادب بہ ڪم ۾ ڪوتاهين جو ذڪر ڪري ٿو ۽ برن ڪردارن جي تصوير پڻ چٽي ٿو، پر ائين ڪرڻ جو مقصد اهو ئي هوندو آهي تہ انهن ڪوتاهين ۽ خرابين ڪي سامهون بيهاري، انهن جي مقابلي ۾ زندگيءَ جي ٻئي سچي تصوير جي روشن پاسي کي اڳرو ڪري ڏيکارجي. سوويت روس جا اديب زندگيءَ جي سٺي توڙي بري پاسي ڏانهن اڌو اڌ، هڪجيتري ڌيان ڏيڻ واري نالي ماتر اصول ڪي نٿا مڃين. دولتمند، شاهوڪار ۽ سرمائيدار طبقو جڏهن زواليت جي دور ۾ هوندو آهي. تڏهن ان طبقي جا اديب ۽ فنڪار انقلابي عوام جي ڳالهہ ائين ڪندا آهن، جڻ تہ انقلابي عوام غندا ۽ بدمعاش آهن ۽ دولتمند، شاهوڪار ۽ سرمائيدار اولياءَ سڳورا آهن. ۽ اهڙيءَ ريت هو ڏينهن کي رات ۽ رات ڪي ڏينهن ڪري ڏيکاريندا آهن. رڳو سچا پچا انقلابي اديب ۽ فنڪار ئي اهو مسئلو صحيح نموني حل ڪري سگهن ٿا تہ ڪهڙيءَ ڳالهہ جي واکاڻ ڪرڻ کپي ۽ ڪهڙيءَ ڳالهہ ڪي بي نقاب ڪجي. انهن سيني اونداهين قوتن ڪي بي نقاب ڪرڻ کپي، جيڪي عوام کي نقصان پهچائين ٿيون، ۽ عوام جي سچي انقلابي جدوجهد جي واکاڻ ڪرڻ کپي. انقلابي اديبن ۽ فنڪارن جو بنيادي فرض اهوئي آهي.

وري ڪي چون ٿا تہ ”ادب ۽ فن جو فرض هميشه حقيقت ڪي بي نقاب ڪرڻ ئي پئي رهيو آهي.“ اها ڳالهہ بہ اڳينءَ ڳالهہ وانگر تاريخ کان ناواقفيت سبب ڪئي وڃي ٿي. اسين اڳيئي ظاهر ڪري چڪا آهيون تہ ادب ۽ فن ڪڏهن بہ رڳو برائين جي ملامت لاءِ وقف نہ رهيو آهي. تنهن ڪان سواءِ انقلابي اديبن ۽ فنڪارن

جي ملامت جو نشانو عوام بڻجن، سا ڳالهه ته ٺيڪ ناهي. انهن جي ملامت جو نشانو ته فقط اڳرائي ڪندڙ، ڦرلٽ ڪندڙ، ظالم ۽ سندن عوام سان وهايل ويل ئي ٿي سگهن ٿا. عوام ۾ به خاميون آهن. عوام لاءِ به ضروري آهي ته پنهنجا پاڻ ۾، پاڻ تي ۽ هڪٻئي تي تنقيد ڪري. انهن خامين کي ختم ڪن. اهڙي نموني پنهنجو پاڻ تي ۽ هڪٻئي تي تنقيد ڪرڻ ادب ۽ فن جي اهم ترين فرضن مان هڪڙو فرض آهي. پر ان مان ائين هرگز سمجهڻ نه کپي ته ڪو عوام جي يا عوام تي ملامت پئي ڪئي وڃي يا عوام کي ”بي نقاب“ ڪيو پيو وڃي. عوام بنسبت بنيادي مسئلو اهو آهي ته کين تعليم ڏني وڃي ۽ سندن معيار بلند ڪيو وڃي. رڳو انقلاب دشمن اديب ۽ فنڪار ئي عوام کي ”پيدائشي احمق“ ۽ انقلابي عوام کي ”ظالم هجوم“ سڏي سگهن ٿا.

ڪي ٻيا چون ٿا ته ”هي دور اجا طنزيه مضمونن جو آهي ۽ انقلابي جمهوري اديب لوهسون جي طنزيه انداز جي اجا ضرورت آهي.“ جيئن ته لوهسون اونداهين طاقتن جي راڄ ۾ رهندو هو ۽ تقرير جي آزاديءَ کان محروم هو، تنهنڪري هن ساڻن جنگ وڙهڻ لاءِ هٿ پير ٺڏا ڪري يا ماٺ ڪرائي ڇڏڻ واري ٺوڪ ۽ مرچن لڳائڻ يا ٻاهه ٻاري ڇڏڻ واريءَ طنز کي مضمونن جي صورت ۾ استعمال ڪيو، ۽ هو بلڪل صحيح هو. اسان کي به فسطائين، سامراجين، چيني رجعت پسندن ۽ عوام کي نقصان رسائيندڙ سمورين شين کي مسخريءَ جو نشانو بڻائڻ کپي. پر شينسي، ڪانسو، نينگسيا جي آزاد ڪرايل انقلابي سرحدي علائقن ۾ يا دشمن جي علائقي اندر جيان کان ڇڏايل جيان دشمن اڏن جي علائقن ۾، جتي انقلابي اديبن ۽ فنڪارن کي مڪمل جمهوريت ۽ آزادي حاصل آهي ۽ رڳو انقلاب دشمن کي ان کان محروم رکيو ويو آهي، اتي جي اديبن ۽ فنڪارن جي لکڻ جو انداز رڳو لوهسون جهڙو طنزيه نه هئڻ کپي. انهن آزاد انقلابي علائقن ۾ اسان خوب زور سان ڳالهائي سگهون ٿا ۽ اسان کي اهڙن منجهيل ۽ ٻن معنائن وارن جملن استعمال ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي، جيڪي عوام جي سمجهه ۾ مشڪل سان اچن ٿا. جڏهن لوهسون عوام دشمنن بدران خود عوام بابت لکندو هو، تڏهن هن ”پنهنجي طنزيه مضمونن جي دور ۾“ ڪڏهن به انقلابي عوام ۽ سندن انقلابي پورهيت وطن دوست پارٽيءَ تي ٺوڪ نه ڪئي ۽ نه ڪڏهن انهن تي حملو ڪيو. سندس انهن مضمونن جو انداز عوام دشمنن خلاف لکيل مضمونن جي انداز کان بلڪل مختلف هوندو هو. اسين پهرين به

چئي آيا آهيون تہ عوام جي ڪوتاهين تي تنقيد ڪرڻ ضروري آهي، پر اسان جو فرض آهي تہ متن تنقيد ڪرڻ مهل اهڙو نمونو نہ وٺون، جهڙو ڪي دشمن يا ”ٽياڪڙ“ وٺندا آهن. اسان جو نمونو عوام سان پنهنجن وارو هجي، ڏر ۽ ڏٽي، مائٽ ۽ وارث وارو هجي، جنهن مان صاف ظاهر ٿئي تہ اسان ڪي اونو رڳو اهو آهي تہ عوام کي ڪو ڪوسو واءُ نہ لڳي، ۽ سندن سمجهہ ۾ واڌارو اچي. ساٿين بابت دشمن وانگر ڳالهہ ڪرڻ دشمن جو طرف وٺي ڳالهہ ڪرڻ جي برابر آهي. پر ان جو مطلب اهو آهي ڇا تہ ادب ۽ فن ۾ طنز ۽ چٿر ڇڏي ڏيڻ کپي؟ نہ. ادب ۽ فن ۾ طنز هميشہ ضروري آهي. پر طنز گهٽ قسمن جي ٿئي ٿي ۽ هر هڪ جو رويو الڳ هوندو آهي. هڪڙي قسم جي طنز هوندي آهي، دشمنن لاءِ، پنهنجن دشمنن لاءِ يعني عوام جي دشمنن لاءِ، ٻي هوندي آهي پنهنجي اتحادين تي تبصري ڪرڻ لاءِ ۽ ٽي هوندي آهي خود پنهنجي عوام، پنهنجي ساٿين جي خامين دور ڪرڻ لاءِ. اسين خود طنز جي خلاف نہ آهيون، پر طنز جي غلط استعمال جي خلاف آهيون. طنز جو غلط استعمال ضرور بہ ضرور ختم ڪري ڇڏڻ کپي.

ڪي چوندا آهن تہ ”مون ۾ ڪنهن جي قصيده گوئي ڪرڻ جي عادت ناهي. جيڪي اديب ۽ فنڪار ڪنهن جا قصيدا پڙهندا آهن، تن جون تخليقون هرويرو ڪي ردي نہ هونديون آهن.“ پر هن ڳالهہ جي حقيقت اها آهي تہ جيڪڏهن اوهان وچين يعني دولتمند ۽ سرمائيدار طبقي جا طرفدار اديب ۽ فنڪار هوندا، تہ اوهان انقلابي پورهيت طبقي جي تعريف نہ ڪندا پر دولتمند ۽ سرمائيدار طبقي جا گيت ڳائيندا. وري جيڪڏهن اوهان انقلابي پورهيت طبقي جا اديب يا فنڪار هوندا، تہ اوهان دولتمند ۽ سرمائيدار طبقي جا گيت نہ ڳائيندا پر انقلابي پورهيت طبقي جي تعريف ۽ ساراهہ ڪندا. انهن مان هڪڙي ڳالهہ ضرور ٿيندي وچان ٿي ڳالهہ ٿيڻي ناهي. دولتمند ۽ سرمائيدار طبقي جي سنين ڳالهين جي ساراهہ ڪرڻ وارن جون تخليقون هرويرو ڪي اعليٰ درجي جون نہ هونديون آهن ۽ نہ ئي وري دولتمند ۽ سرمائيدار طبقي جي عيبن ڏيکارڻ وارن جون تخليقون ڪي هرويرو گهٽ درجي جون هونديون آهن. اهو لازم ناهي تہ انقلابي پورهيت طبقي جون سٺايون ڏيکاريندڙ ۽ سندن ساراهہ ڪندڙ تخليقون ڪي لازمي طرح اعليٰ درجي جون نہ هجن. البت جن تخليقن ۾ انقلابي پورهيت طبقي جي نام نهاد اونداهي پاسي جي تصوير چٽيل هوندي آهي ۽ سندن گلائون ڪيل هونديون آهن، سي لازمي طرح گهٽ ۽ ڪريل درجي جون هونديون آهن. ڇا ادب ۽ فن جي باري ۾

اهي حقيقتون تاريخي طرح ثابت ٿيل نہ آهن؟ پلا اسان کي عوام جي ساراهہ ڇو نہ ڪرڻ کپي، جي انسان ذات جي تاريخ جا خالق آهن؟ اسان کي انقلابي پورهيت طبقي، سندس انقلابي پورهيت وطن دوست پارٽيءَ، نئين عوامي جمهوريت ۽ سوشلزم جي تعريف ۽ ساراهہ ڇو نہ ڪرڻ کپي؟ اهڙا ماڻهو بہ پيا آهن، اهڙا اديب ۽ فنڪار بہ آهن، جن جي دل ۾ عوام جي شاندار ۽ عظيم انقلابي مقصد لاءِ ڪو ولولو ۽ شوق ڪونهي. هو انقلابي پورهيت طبقي ۽ ان جي اڳواڻ مجاهد دستي يعني انقلابي پورهيت وطن دوست پارٽيءَ جي زبردست لڙاين ۽ شاندار فتحن کي اوپرن وانگر، بي دليءَ سان پريان بينا ڏسن. ڪين جيڪڏهن ڪنهن شيءِ سان دلچسپي آهي ۽ ان جي ساراهہ مان ڍاپن ئي نٿا، تہ اها آهي سندن پنهنجي ذات. گهڻو انصاف ڪيائون تہ سندن پنهنجي يارن جي ننڍڙيءَ ٽوليءَ ۾ دلچسپي وٺندا ۽ ان جون ساراهون ڪندا. بس، چوٽي وچين طبقي جا اهڙي قسم جا پنهنجي پوڄا ڪندڙ ماڻهو، انقلابي عوام جي شاندار ڪارنامن جي ساراهہ ڪرڻ ۽ ڪين پنهنجي آخري فتح ۾ يقين پختي ڪرائڻ لاءِ هرگز تيار ناهن. ان قسم جا ماڻهو انقلابي صفن اندر جڻ اڏوهي ۽ سرو آهن. انقلابي عوام کي اهڙين ڇورن جي ڪابہ ضرورت ناهي.

ڪي چوندا آهن تہ ”موقف يا طرف جو سوال ناهي. منهنجو طبقاتي موقف صحيح آهي. آءٌ هر مسئلي کي انقلابي پورهيت طبقي جي مقصدن جي عينڪ سان ڏسان ٿو. انهن جو ئي سوچيان ٿو. منهنجي نيت نيڪ آهي ۽ آءٌ سيڪجهہ صحيح سمجهان ٿو. پر آءٌ پنهنجي خيالن جو چڱيءَ طرح اظهار نٿو ڪري سگهان، تنهنڪري ڳالهہ بي اثر ٿيو پوي ۽ نتيجو خراب ٿو نڪري!“ جدلياتي ماديت يا انقلاب جي سائنس جو اصول ڪهڙو آهي، سو آءٌ اڳ بہ ٻڌائي چڪو آهيان. هاڻي آءٌ پڇڻ چاهيان ٿو تہ ڇا، نتيجي جو سوال بہ موقف يا طرف جو سوال ناهي؟ جيڪو ماڻهو سڪڻي چڱيءَ نيت سان عمل ڪري ٿو ۽ اها پڇا ئي نٿو ڪري تہ سندس عمل جو ڪهڙو نتيجو نڪرندو، سو اهڙي ڊاڪٽر وانگر آهي، جيڪو بيمارن لاءِ نسخا پيو لکي، پر ان ڳالهہ جي پڇا ئي نٿو ڪري تہ سندس نسخن گهڻا مريض بچايا ۽ گهڻا پورا ڪري ڇڏيا. چڱو، ڪنهن سياسي پارٽيءَ جو مثال وٺو، جيڪا رڳو اعلانن جي تعميل بہ ڪري ٿي يا نہ. ڇا ان پارٽيءَ بابت پوءِ بہ پڇي سگهجي ٿو، تہ ان جي اها روش ۽ هلت صحيح آهي يا غلط؟ ڇا، انهن حالتن ۾ ڪنهن جي نيت واقعي نيڪ چئي سگهجي ٿي؟ ائين برابر آهي تہ ماڻهو

پلي ڪٽي پنهنجي عمل جي نتيجن بابت ڪيترو بہ اڳواٽ سوچي، تہ بہ غلطيون ٿي سگهن ٿيون. پر فرض ڪريو تہ جيڪڏهن ماڻهوءَ کي اهو چڱيءَ طرح ۽ ثابتيءَ سان معلوم ٿي وڃي تہ منهنجي فلاڻي ڪم جو نتيجو خراب نڪتو آهي ۽ پوءِ بہ هو پراڻيءَ واٽ ۽ ڪم جي پراڻي ڍنگ کي چھٽيو پيو هجي، تہ پوءِ سندس نيت کي نيڪ ڪوٺي سگهجي ٿو؟ ڪا پارٽي يا ڪو ڊاڪٽر ڪارائتا آهن يا نہ، تنهن جي اندازي ڪرڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ اسين سندن عمل تي يعني سندن ڪمن جي نتيجي تي نظر وجهون. ڪنهن اديب جي اندازي لڳائڻ جو بہ اهو ئي طريقو آهي. جيڪو اديب يا فنڪار واقعي نيڪ نيت رکي ٿو، تنهن لاءِ ضروري آهي تہ هو پنهنجي ڪوشش جي نتيجي کي خيال ۾ رکي، پنهنجي تجربي جي چنڊڇاڻ ڪري ۽ ڪم جي صحيح طريقن جو مطالعو ڪري، ۽ تخليقي ڪم ۾ ڳالھ ڪرڻ جي سني ڏانو جو مطالعو ڪري. جيڪو واقعي نيڪ نيت رکي ٿو، ان لاءِ ضروري آهي تہ هو پنهنجي ڪم جي خامين ۽ غلطين تي بلڪل بي حجابيءَ ۽ صاف دليءَ سان تنقيد ڪري ۽ انهن کي سڌارڻ جو پختو فيصلو ڪري. اهو ئي سبب آهي، جو انقلابي وطن دوست پنهنجو پاڻ تي تنقيد ڪرڻ جو طريقو اختيار ڪن ٿا. اهائي صحيح روش آهي. فقط اهڙي سنجيدي ۽ ذميواريءَ واري عمل ذريعي ئي آهستي آهستي ان ڳالھ جي پروڙ حاصل ڪري سگهجي ٿي تہ انقلابي اديب ۽ فنڪار لاءِ صحيح روش ڇا آهي، ۽ رفتي رفتي ادب ۽ فن جي تخليقي ڪم ۾ هوشياري ۽ ڪاريگري حاصل ڪري سگهجي ٿي. جيڪڏهن ڪو اديب ۽ فنڪار عملي طرح اهو رخ اختيار نٿو ڪري، ۽ رڳو ائين چئي، پاڻ کي خوش پيو ڪندو تہ "مون سيڪجھ بلڪل نيڪ سمجهيو آهي"، تہ چئبو تہ حقيقت ۾ هن ڪجھ بہ ڪونہ سمجهيو آهي.

ڪي چون ٿا تہ "اسان کي جيڪڏهن مارڪسزم جي مطالعي ڪرڻ لاءِ ٿا چئو تہ پوءِ اها ڳالھ تہ خود جدليماديت جي سيڪاريل تخليقي طريقي ڪار جي خلاف ٿيندي، ۽ اسان اديبن ۽ فنڪارن جي تخليقي موج ۽ موڊ ۾ خلل پوندو." ان جو جواب آهي تہ مارڪسزم جي مطالعي ڪرڻ جو اهو مطلب ناهي تہ توهان پنهنجي ادبي ۽ فني تخليق ـ ڪهاڻين، مضمونن، ناولن، ڊرامن، شاعريءَ وغيره ۾ فيلسوفيءَ جا ليڪچر ويهي پڙهيو. مطلب اهو آهي تہ پنهنجي فن ۽ ادب تخليق ڪرڻ لاءِ، جيڪو دنيا جو مشاهدو ۽ مطالعو ڪندا، سو خيالي ۽ ڄڻاٽي نموني نہ ڪريو، پر سمورن علمن ۽ سائنسن جي نچوڙ، يعني جدلي ماديت جي سائنسي

فلسفي ۽ تاريخي ماديت جي روشنيءَ ۾ ڪريو، ۽ انهن جي سائنسي نقطي نظر سان ڪريو، ادبي ۽ فني تخليقن ۾ سچائي ڪيئن پيدا ٿئي، سا ڳالهه مارڪسزم جي علم جي دائري ۾ بلاشڪ اچي ٿي ۽ ان سوال تي مارڪسزم جو علم بلاشڪ روشني وجهي ٿو، ۽ ان جي حل ۾ مدد ڏئي ٿو، پر مارڪسزم پنهنجي سر ڪو فني ۽ ادبي ذات، ڏانو، تخليق ۽ ٻين ادبي ۽ فني مسئلن ۽ ڳالهين جو مڪمل علم ڪونهي. اهو ان علم ۽ ڄاڻ لاءِ فقط صحيح بنياد پيدا ڪري ٿو. اهو ساڳئي ريت علم طبعيءَ جي ايٽمي ۽ بجليءَ وارن نظرين سان بہ لاڳو آهي. پر سموري علم طبعيءَ جا اصول ۽ تفصيل فقط علم طبعيءَ ۾ ملندا، جو پنهنجي سر هڪڙو الڳ ۽ مڪمل علم ۽ سائنس آهي. تنهاڪ، سڪٽا فارمولا جيڪڏهن منترن وانگر جپبا رهيا، ۽ عقل ۽ سمجهہ بنان انڌي جي لٺ وانگر هيڏانهن هوڏانهن پيا هٽبا، تہ برابر ادب ۽ فن تخليق ڪرڻ لاءِ جيڪا من جي موج گهربل آهي، سا لٽجي، تباهہ ٿي ويندي. ٻيو تہ نهيو خود مارڪسزم جي سائنس بہ ان رويي ۽ طريقي مان ختم ٿي ويندي. مارڪسزم جي سائنسي اصولن، نظرين ۽ قاعدن کي، بنا سوچ سمجهہ جي، منترن، جنترن ۽ وظيفن وانگر استعمال ڪرڻ مارڪسزم ناهي، بلڪ مارڪسزم تي حملو آهي، مارڪسزم جي دشمني آهي. تہ ڇا، مارڪسزم اديبن ۽ فنڪارن جي تخليقي موج کي هرگز ختم نٿي ڪري؟ هائو، اها ختم ڪري ٿي. اها اديبن ۽ فنڪارن جي اهڙين تخليقي موجن کي بلاشڪ ختم ڪري ٿي، جيڪي تخليقي موجون وسيع انقلابي پورهيت طبقي لاءِ پرايون ۽ ڌاريون آهن. جهڙوڪ، وڏيرن، جاگيردارن، سردارن، ڪارخانيدارن، سيٺين جي فائدي واريون تخليقي موجون ۽ امنگون، چونڊي وچين طبقي جي پنهنجي پوڄا ڪندڙ، پنهنجيءَ ڳالهہ تي عاشق، ڇڙواڳ، نالي جون ”آزاد خياليءَ“ ۽ ”فراخدليءَ“ واريون تخليقي موجون، ۽ ”سيڪجهہ تباهہ ڪريو“ جي فلسفي کي پوڄيندڙ، فن کي رڳو تفريح ۽ مزي جي شيءِ سمجهندڙ، نوابي، مرٽينگ، نااميد ۽ مايوس تخليقي موجون. ڇا، انقلابي اديبن ۽ فنڪارن جي نقطي نظر کان اهي ”تخليقي“ امنگ ۽ موجون واقعي تباهہ نہ ٿيڻ کپن؟ آءٌ ڀانيان ٿو تہ انهن عوام دشمنن تخليقي موجن ۽ امنگن کي ضرور بہ ضرور تباهہ ٿيڻ ۽ ختم ڪرڻ گهرجي. جي هڪڙي پاسي اهي تباهہ ٿيون ڪبيون، تہ ٻئي پاسي سندن جاءِ تي وري نيون عوام دوست، انقلابي تخليقي موجون ۽ امنگ پيدا ڪري پيا سگهون.

(5)

هتي جن مسئلن تي بحث ڪيو ويو آهي، اهي هتي يينان جي انقلابي مرڪز جي ادبي ۽ فني حلقن ۾ موجود آهن. ان مان ڇا ٿو ظاهر ٿئي؟ ان مان اهو ظاهر ٿو ٿئي ته اسان جي ادبي ۽ فني حلقن ۾ اڃا به اهم حد تائين ڪم جا غلط طريقا موجود آهن، ۽ اسان جي ساٿين ۾ اڃان تائين گهڻا نقص موجود آهن، مثلاً خيال پرستي، اصولن جي انڌي پوڄا يا هٺ ڌرمي، ڪوڪلي خام خيالي، ڪوڪليون ڳالهيون، عملي تجربي کان حقارت ۽ عوام کان پري پري رهڻ، وغيره وغيره. انهن سڀني نقصن جي پاڙ پٽڻ لاءِ اثرائتي ۽ سنجيدي درست ڪرڻ جي تحريڪ هلائڻ لازمي آهي.

اسان ۾ اڃان تائين اهڙا گهڻا ساٿي موجود آهن، جيڪي انقلابي، پورهيت طبقي ۽ چوٿي وچين (ٿوريءَ گهڻيءَ ملڪيت واري 'شهري') طبقي جي وچ ۾ جيڪو فرق آهي، تنهن کي چڱيءَ طرح نٿا سمجهن. اسان جي انقلابي پورهيت وطن دوست پارٽيءَ ۾ اهڙا گهڻا ڪارڪن موجود آهن، جيڪي انقلابي وطن دوست پارٽيءَ ۾ تنظيمي طور تي برابر شامل ٿيا آهن، پر اهي اڃان تائين مڪمل نموني نظرياتي طرح بنهه شامل نه ٿيا آهن. انهن جي دماغن ۾ اڃا تائين ڦرلٽ ڪندڙ طبقن جي فڪر جي گهڻي گندگي ۽ غلاظت موجود آهي ۽ انهن کي ڪابه خبر ڪانهي ته انقلابي پورهيت نظريي يا سوشلزم يا پورهيت طبقي جي انقلابي پورهيت وطن دوست پارٽيءَ جي معنيٰ ۽ مطلب ڇا آهي. هو دل ۾ سوچين ٿا ته 'بي ملڪيت انقلابي پورهيت طبقي جو انقلابي نظريو ڪهڙي نئين ڳالهه آهي! اهو ته سڄي عمر ٻڌو ۽ سمجهيو اٿئون. هاڻ ته اها پراڻي ڳالهه ٿي ويئي آهي. روز روز انهي ساڳئي رينگٽ ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو؟ ماڻهوءَ هڪڙو ڀيرو ڳالهه سمجهي ڇڏي، ته پوءِ ڪٽي اهو قصو ختم سمجهجي، ۽ وري ڪا نئين ڳالهه هجي ته ٻڌائجي ۽ ٻڌجي!' ڪين خبر ناهي ته اهو پراڻو رينگٽ سمجهڻ ۽ پنهنجي وس ڪرڻ ڪو سولو ڪم ناهي. ڪي ماڻهو ته اهڙا به پيا آهن، جي پوڙها ٿي، مري ويندا، ته به ڪڏهن منجهانئن انقلابي وطن دوستيءَ جي خوشبو ۽ سرهاڻ ڪانه ايندي. اهي نيٺ هڪ ڏينهن انقلابي پورهيت وطن دوست پارٽيءَ کان جدا ٿي ويندا. تنهنڪري جيتوڻيڪ اسان جي انقلابي پورهيت وطن دوست پارٽيءَ ۾ گهڻا ماڻهو بي داغ ۽ ايماندار آهن، تڏهن به جي اسين انقلابي تحريڪ کي وڌيڪ

اثرائتي طريقي سان ترقي ڏيڻ چاهيون ٿا ۽ ان کي تڪڙو ڪامياب ڪرڻ چاهيون ٿا، تہ اسان کي پوريءَ سنجيدگيءَ سان، نظرياتي ۽ تنظيمي ٻنهي لحاظن کان، معاملن کي ٺيڪ ڪرڻ کپي.

”نظرياتي لحاظ کان معاملو ٺيڪ ڪريون“ جي معنيٰ آهي تہ غير انقلابي ۽ غير پورهيت نظريي خلاف انقلابي پورهيت نظريي جي جدوجهد شروع ڪريون. ييناں جي ادبي ۽ فني حلقن ۾ نظرياتي جدوجهد اڳ ۾ ئي شروع ٿي چڪي آهي ۽ اها جدوجهد نهايت ضروري آهي. چوٿي وچين (ٿوريءَ گهڻيءَ ملڪيت واري ’شهري‘) طبقي مان اسريل پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو ادبي، فني ۽ ٻين طريقن سان هميشه ڏاڍي ضد ۽ هٺ ڌرميءَ سان پاڻ کي ۽ پنهنجن نظرين کي عوام تي مڙهڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا آهن. هو چاهين ٿا تہ انقلابي پورهيت وطن دوست پارٽي ۽ سموري دنيا پاڻ کي بدلائي، سندن مرضيءَ موجب ڪم ڪن. انهن حلقن ۾ اسان جو فرض آهي تہ پنهنجي انهن ”ساٿين“ کي ڌونداڙي، ڪين سڌيءَ طرح چئون: ”نہ، ائين ڪم ڪونہ هلندو! پورهيت طبقو پاڻ کي توهان جي مرضيءَ موجب هرگز نہ بدلائيندو. توهان جي مرضيءَ آڏو جهڪڻ ٿيندو وڏي زميندار، وڏي شاهوڪار طبقي آڏو جهڪڻ ۽ پنهنجي پارٽيءَ ۽ پنهنجي ملڪ جا ترا ڪيڻ.“ تہ پوءِ اسين ڪنهن جي مرضيءَ آڏو جهڪون؟ ظاهر آهي تہ اسان پارٽيءَ ۽ سموريءَ دنيا کي بدلائي نيٺ بہ تہ فقط اهڙي روپ ۾ آڻي سگهون ٿا، جهڙو عوام جو اڳواڻ دستو يعني پورهيت طبقو اسان کان چاهي ٿو. مرضي اسان لاءِ وري بہ پورهيت طبقي جي اهم آهي، ۽ اسان کي ان مرضيءَ جي آڏو ئي جهڪڻو آهي. اسان کي اميد آهي تہ اسان جا ادبي ۽ فني ڪم ڪندڙ ساٿي هن زبردست مباحثي جي سنجيدي اهميت چڱيءَ ريت پروڙيندا ۽ پوريءَ سرگرميءَ سان هن جدوجهد ۾ شامل ٿيندا؛ تہ جيئن هر ساٿي سجاڻ ٿئي، ۽ اسان جي انقلابي تحريڪ جون سموريون صفون نظرياتي توڙي تنظيمي طرح متحد ۽ پختيون ٿي وڃن. . . . .

هي دور عوام جو دور آهي: انقلاب جو دور آهي. پورهيت جو دور آهي، يعني انقلابي پورهيت عوام ۽ انهن جي انقلابي جدوجهد جو دور آهي، جي هڪ نئين انقلابي دنيا اڏڻ گهرن ٿا. ان ڪري هر انقلابيءَ کي عوام سان ملي هڪ ٿيڻو آهي. ان لاءِ لازمي آهي تہ اڪيلي ماڻهوءَ ۽ عوام جي وچ ۾ جيڪو لاڳاپو

هجڻ گهرجي، ان جي مسئلي کي پوريءَ طرح حل ڪيو وڃي، لوهسون جي هڪ نظم جو هي شعر اسان جي عمل جو نشان ٿيڻ کپي:

هزارين آڱريون مون تي ملامت لاءِ مٿي کڄي ويون آهن،
آءٌ منهن ۾ شور وجهي، مٿن هڪ حقارت ڀريل نظر اڇلائي،
بي پرواهيءَ سان پنهنجي راهه رمندو وڃان.
واٽ ۾، ننڍڙا معصوم، مظلوم ٻارڙا،
پنهنجا پتڪڙا گلن جهڙا هٿ ڪڍي،
مون کي سڏي چون ٿا:
”لوهسون شاعر!
اسان کي خوشيون نٿيون ملن!
تون هن ڏک جي ٻنيءَ کي،
پورهئي جي هر سان ڪيڙي،
اسان کي خوشين جا گل پوکي ڏيندين؟“
آءٌ هڪ فرمانبردار ڍڳي وانگر،
پنهنجو ڪنڌ نمائي،
پورهئي جي پاڄاريءَ ۾ ڪٽيو وڃان.
۽ دل ئي دل ۾ چوان ٿو:
”منڙا ٻارڙا! توهان جي خوشين جا گل ڪيئن نہ ٽڙندا!
آءٌ توهان جو شاعر تڏهن ڇا جي لاءِ آهيان؟
توهان جي خوشين جا گل ضرور ٽڙندا!“

”هزارين آڱرين“ مان مراد عوام جا دشمن آهن، اسين انهن جي اڳيان ڪڏهن بہ ڪنڌ نہ جهڪائينداسين، ڇاهي هو ڪيترا بہ خونخوار ڇو نہ هجن. ”ٻارن“ مان مراد انقلابي پورهيت طبقو ۽ عوام آهي. سڀني انقلابي پورهيت وطن دوستن، سڀني انقلابين ۽ سڀني انقلابي ادبي ۽ فني ڪارڪنن کي لوهسون جي مثال مان سبق سکڻ گهرجي، ۽ انقلابي پورهيت طبقي ۽ عوام جي خدمت لاءِ ”فرمانبردار ڍڳو“ ٿيڻ کپي ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين ڪنڌ جهڪائي، ان فرض جو بار کڻڻ کپي، جيڪي پڙهيل ڳڙهيل ۽ تعليم يافتہ ماڻهو پنهنجو پاڻ کي عوام سان ملائي هڪ ڪرڻ چاهين ٿا ۽ عوام جي خدمت ڪرڻ چاهين ٿا، انهن کي

عمل جو اهڙو طريقو اختيار ڪرڻ ڪپي، جنهن ۾ هو ۽ عوام هڪٻئي کي چڱيءَ طرح سمجهن. ٿي سگهي ٿو، بلڪ اها ڳالهه يقيني آهي، ته ان عمل هلندي، گهٽي ڪٿ ڦٿ، تڪليف ۽ مونجهه ٿيندي. پر جيڪڏهن اوهين پختو ارادو رکو ٿا، ته پوءِ انهن گهرجن کي اوس پورو ڪري سگهندا.

اڄ مون رڳو ڪن ٿورن اهڙن مسئلن تي بحث ڪيو آهي، جيڪي اسان جي ادبي ۽ فني تحريڪ جي بنيادي رخ سان تعلق رکن ٿا. اڃا گهڻا بيا مسئلا باقي آهن، جن جي وڌيڪ مطالعي جي ضرورت ٿيندي. مون کي يقين آهي ته جيڪي ساٿي هتي موجود آهن، اهي ڏسيل رستي تي هلڻ جو پختو ارادو رکن ٿا. مون کي يقين آهي ته درستيءَ واري تحريڪ هلندي، ۽ مطالعي ۽ ڪم جي ايندڙ ڊگهي عرصي ۾، اوهان ضرور پنهنجو پاڻ ۾ ۽ پنهنجي تخليقن ۾ بنيادي ڦيرو آڻي سگهندا، جن جي اوهان جا پڙهندڙ ڏاڍي شوق ۽ چاهه سان آجيان ڪندا، ۽ اهڙيءَ ريت، توهان انقلابي اڏن جي علائقن ۾ ۽ سڄي چين ۾ ادبي ۽ فني تحريڪ کي هڪ شاندار نئينءَ منزل تي پهچائيندا.

(ٿورو گهٽايل)

ٽيڪسٽ اِنٽري ۽ اِي بُڪ ڪمپوزنگ: سڪندر علي ابڙو، قمبر علي خان

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books

وڌيڪ ڪتابن لاءِ ڪِلڪ ڪريو: http://geocities.com/sindhiawami